ماهوار
# بيداري
حيدرآباد
شمارو: ٢١٨ اپريل - ٢٠١١
قيمت: ٢٥ رپيا.

ايڊيٽر
محمد موسيٰ ڀٽو

اسسٽنٽ ايڊيٽر
جمشيد انور جوکيو

مجلسِ ادارت
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راهمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
m.moosabhutto@gmail.com
www.bedarimillat.com

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| قرآن جو پيغام اسان جي نانءِ | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ٢ |
| مشيل فوڪو جي فڪر جي يلغار ۽ اسلامي فڪر جو دفاع (فڪري تعارف - ۽ فڪري تنقيد) | علي اڪبر راهمون | ١٤ |
| روس ۽ چين ۾ انقلاب کانپوءِ مسلمانن سان ڇا ٿيو؟ | ترتيب: ضمير حسين لغاري | ١٨ |
| اهل مغرب جا وڏنڊڙ ذهني ۽ نفسياتي مونجهارا اعداد وشمار جي روشني ۾ | آمنه حامد زبيدي | ٢٦ |
| محمد ادريس راجپوت مرحوم | محمد موسيٰ ڀٽو | ٣٤ |
| مغربي تهذيب ۽ اسلامي تهذيب (مختصر جائزو) | محمد موسيٰ ڀٽو | ٣٦ |
| مغربي تهذيب سان وابسته ماڻهن جون ڪجهه خوبيون | محمد موسيٰ ڀٽو | ٤٠ |
| مرڻ کان پوءِ ڪجهه تاثرات | آمنه حامد زبيدي | ٤٢ |
| زندگيءَ جي حقيقت | آمنه حامد زبيدي | ٤٦ |
| نفس جي سڌاري جو طريقو | محمد موسيٰ ڀٽو | ٥٠ |
| ۽ زندگيءَ جو دستور العمل | عبدالغني دايو | |
| اسلام جي بنيادي تعليمات آزاد خيال فردن جي غور فڪر لاءِ | محمد مسعود احمد | ٦٠ |
| اسان جا ڪجهه اهم معاملات احاديث نبوي جي روشني ۾ | محمد موسيٰ ڀٽو<br>عنايت الله | ٧١ |




محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

مستقل سلسلو

# قرآن جو پيغام اسان جي نانءِ

## قيامت لاءِ ڇا سامان موڪليو آهي،

ان جو فڪر ڪرڻ:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ (سورت الحشر، آيت ١٨)

(اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄندا رهو ۽ هر شخص کي ڏسڻ گهرجي ته هن سڀاڻي (قيامت) لاءِ ڇا موڪليو آهي)

هن آيت ۾ الله کان ڊڄڻ ۽ پنهنجو حساب ڪرڻ (خود احتسابي) تي زور ڏنو ويو آهي، ته اصل زندگي آخرت جي زندگي آهي، سو ڏسڻ گهرجي ته مون ان لاءِ ڇا تيار ڪيو آهي؟ مون ڪيتري فڪر سان ان جي تياري ڪئي آهي؟ ۽ جيڪي عمل آخرت ۾ ڪم ايندا، انهن جي انجام ڏيڻ لاءِ مون ڪيتري سنجيدگي سان ڪوشش ڪئي آهي؟

پاڻ جو احتساب ڪندي، اهي عمل انجام ڏيڻ جيڪي آخرت ۾ فائدي وارا ٿين، اهو ئي اسان جي سوچ ۽ توانائيءَ جو سڀ کان وڏو هدف هئڻ گهرجي.

## آخرت کان غفلت سڀ کان وڏو نقصان آهي.

اسان جي عام حالت اها آهي ته، پهريون ته عمل ڪرڻ ۾ ئي غفلت ۽ بي توجهي جو مظاهرو ڪندا آهيون، ۽ جيڪڏهن عمل ڪندا به آهيون ته اهي عمل اخلاص کان خالي هوندا آهن، فقط رواجي يا عادتن تحت ڪيا ويندا آهن، جن ۾ آخرت جي فڪر شامل نه هوندي.

هي آيت انهيءَ اهم فڪر ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي.

الله تعاليٰ جي طرفان وساري ڇڏڻ بابت خبرداري:

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰىهُمْ اَنْفُسَهُمْ (سورت الحشر، آيت ١٩)

(انهن ماڻهن وانگر نه ٿيو جن الله کي وساري ڇڏيو پوءِ الله به انهن کي وساري ڇڏيو)

هن آيت ۾ اها حقيقت بيان ڪئي وئي آهي ته جيڪو الله کي وساري ڇڏي ٿو الله به ان کي وساري ڇڏي ٿو. يعني جيڪو الله جي سڃاڻپ ۽ معرفت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نٿو ڪري، ان مان الله به سڃاڻپ جي صلاحيت کسي وٺندو آهي. اهڙو ماڻهو الله جي ذڪر کان محروم ٿي ويندو آهي. الله جي ياد کان محروميءَ جي سزا اها آهي ته ماڻهو پاڻ کي وساري ويهي ٿو ۽ سندس روح ڀٽڪجڻ جي حالت ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿي.

انساني روح جي خاصيت اها آهي ته اها ذڪر جي ذريعي الله سان محبت جا مرحلا طئي ڪري، ۽ ان محبت ۾ مسلسل اڳتي وڌندي رهي ـ اها محبت ئي انساني روح جي اصل غذا آهي. جڏهن ماڻهو الله کي وساري ڇڏيندو آهي، ته ان جو مطلب اهو ٿيندو آهي ته سندس روح کي ان جي غذا کان محروم ڪيو پيو وڃي. پوءِ اها روح بي قراريءَ ۾ مبتلا رهي ٿي، ۽ ان جي تڙپ ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي وٺي.

الله کي وساري ڇڏڻ جي اها سزا ڪا معمولي سزا ناهي، بلڪ انتهائي وڏي سزا آهي.

## بُرائيءَ جي بدلي ۾ بهتر ڪردار جا اثر:

اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَبَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ ـ (سورت حم سجده، آيت ٣٤)



(بُرائيءَ جو مقابلو اهڙي نيڪيءَ سان ڪريو جيڪا بهترين هجي، پوءِ تون ڏسندين ته جنهن سان تنهنجي دشمني هئي، جڻ ته اهو تنهنجو ويجهو، گرمجوش دوست ٿي ويو آهي)

هن آيت ۾ بُرائيءَ جي جواب ۾ احسان ۽ بهترين رويي جي اثرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن انسان بُرائيءَ جي مقابلي ۾ معافي، محبت ۽ اعليٰ اخلاق جو مظاهرو ڪري، ته وڏو کان وڏو مخالف به دلي طور متاثر ٿي، ويجهو دوست بڻجي سگهي ٿو.

احسان واري روش ۽ اعليٰ رويو ۾ اهڙي خوبي آهي جو اها دلن کي تسخير ڪري ڇڏي ٿي، ماڻهو اهڙي شخص جي دل سان عزت ۽ قدر ڪرڻ لڳن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن جي بُرائيءَ جي جواب ۾ معافي، محبت ۽ سٺي روش اختيار ڪئي وڃي، ته اهو مخالف به دل سان نرم ٿيڻ لڳي ٿو.

پر بُرائيءَ جي بدلي ۾ بهترين اخلاق، وڏي ظرف ۽ احسان جو مظاهرو ڪرڻ آسان ڪم ناهي. ان لاءِ مضبوط ايمان جي ضرورت هوندي آهي، جيڪا ذڪر ۽ دل جي محنت سان ئي حاصل ٿئي ٿي.

## نفسِ امّاره جو بُرائيءَ لاءِ ڪِجائيندو رهڻ:

اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ (سورت يوسف، آيت ٥٣)

(بيشڪ نفس ته بُرائيءَ جو حڪم ڏيندڙ آهي، سواءِ اُن جي جنهن تي منهنجو رب رحم ڪري)

هن آيت ۾ نفسِ امّاره جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو انسان کي لڳاتار بُرائي ڏانهن ڌڪيندو رهي ٿو ـ هڪ بُرائي کان پوءِ ٻي، ۽ وري ٽين بُرائي ـ هي نفس جي اها خصلت آهي، جيڪا هر انسان کي نقصان ۾ وجهي سگهي ٿي.

پر جيڪو الله جي خاص رحمت هيٺ اچي، جنهن کي الله پنهنجي فضل سان نفس اماره جي شر کان بچائي، صرف اهو ئي محفوظ رهي سگهي ٿو. نه ته نفس اماره جي بدخصلت کان بچڻ انساني وس کان ٻاهر آهي.

جڏهن ڪنهن سماج تي نفسِ امّاره وارا ماڻهو حاوي ٿي وڃن ٿا، تہ پوءِ ان سماج ۾ ماديت پرستيءَ جا اثر عام ٿي وڃن ٿا، ماڻهو دنيا جي محبت ۽ خواهشن جي واهہ ۾ تڪن وانگر وهنجي وڃن ٿا. اهڙي سماج ۾ نفسِ امّاره کي نفسِ لوّامہ (يعني نيڪيءَ تي ملامت ڪندڙ نفس) جي حالت تائين وٺي اچڻ انتهائي ڏکيو ڪم بڻجي پوي ٿو.

نفسِ امّاره اهو نفس آهي، جيڪو بُرائيءَ جي هميشہ ترغيب ڏيندو رهي ٿو جڏهن تہ نفسِ لوّامہ اهو نفس آهي، جيڪو غلطيءَ تي ملامت ڪري نيڪيءَ جي طرف وٺي وڃي ٿو. جيڪڏهن انسان همت ڏيکاري، تہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور ٿي سگهي ٿو جو نفسِ امّاره ۽ نفسِ لوّامہ جي وچ ۾ اندروني جدوجهد شروع ٿي وڃي.

الله تعاليٰ انسان جي فطرت، دل ۽ روح ۾ نيڪيءَ جي رغبت رکيل آهي، ان رغبت مان فائدو وٺي انسان پنهنجو نفس لوّامہ جي حالت ۾ آڻي سگهي ٿو.

الله تعاليٰ اسان تي بہ رحم فرمائي، اسان جي نفس جي اصلاح فرمائي، ۽ اسان کي نفسِ امّاره جي شر کان بچائي.

## نفس لوّامہ (نيڪين ڏانهن اُتساهيندڙ نفس) جي حالت:

وَلَآ أُقۡسِمُ بِٱلنَّفۡسِ ٱللَّوَّامَةِ (سورة القيامة، آيت ٢)

(۽ مان قسم کڻان ٿو نفس لوّامہ جي)

هن آيت ۾ الله تعاليٰ ان نفس جو قسم کنيو آهي جيڪو بُرائين تي ٽوڪيندڙ ۽ نيڪين ڏانهن اُتساهيندڙ آهي. نفس اماره جي حالت اهڙي هوندي آهي جو جيڪڏهن ڪو فرد ان جي سڏ تي لبيڪ چئي ان کي اڳتي وڌائي ٿو يعني بُرائين کي ڇڏڻ ۽ نيڪين کي اختيار ڪرڻ جي روش اختيار ڪري ٿو ۽ ان عمل کي مستقل طور جاري رکي ٿو تہ ان سان بہ اهم شيون ٿين ٿيون:



1. اهو فرد نفس اماره جي چنگل مان وڏي حد تائين نجات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو.
2. اهو نفس مطمئنه جي شروعاتي مرحلي ۾ داخل ٿئي ٿو جتي ڪيس هر نيڪي تي خوشي محسوس ٿيندي آهي ۽ هر بُرائي تي اذيت.

تنهنڪري نفس لوّامہ جي حالت کي الله جو انعام سمجهڻ گهرجي. پر ان حالت کي قائم رکڻ، برقرار رکڻ ۽ وڌيڪ ترقي ڏيارڻ لاءِ عمل ڪرڻ هر وقت ضروري آهي. جيڪڏهن عمل ڪرڻ ۾ دير يا سستي ٿيندي رهي تہ نفس لوّامہ جي حالت ڪمزور ٿيڻ لڳندي آهي.

نفس لوّامہ جي ترقي جو دارومدار بُرائين کان بچڻ ۽ اعمال کي وقت تي انجام ڏيندڙ طريقي تي آهي. نفس مطمئنه جي حالت ۾ داخل ٿيڻ جو واسطو بہ نفس لوّامہ کي عملن جي ذريعي ترقي ڏيڻ سان ئي آهي.

## علم ۽ فن مان الله جو نالو ۽ عقيدو ڪڍڻ جي سزا:

اِقۡرَاۡ وَرَبُّكَ الۡاَكۡرَمُ ۙ الَّذِیۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِ ۙ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ (سورة العلق، آيت ٣-٥)

(پڙهہ، رنو رب سڀ کان وڌيڪ ڪرم وارو آهي، جنهن قلم جي ذريعي علم سيکاريو، انسان کي اهو سيکاريو جيڪو هو نہ ڄاڻندو هو.)

هنن آيتن ۾ قلم ذريعي انسان کي علم سيکارڻ جو ذڪر آيو آهي. الله تعاليٰ جو انسان تي اهو ڪيترو وڏو احسان آهي تہ هن ڪيس علمي شعور عطا ڪيو ۽ تحرير جي صلاحيت بہ عطا ڪئي. جيڪڏهن انسان کي علم جي نعمت عطا نہ ٿئي ها تہ هو دنيا ۾ ڪنهن بہ قسم جو علمي يا تخليقي ڪم نہ ڪري سگهي ها.

پر افسوس جو الميو اهو آهي تہ جنهن الله انسان کي علم جي نعمت عطا ڪئي، اڄ جي جديد انسان انهن سڀني علمن ۽ فنون مان الله جو نالو ۽ سندس عقيدو ڪڍي ڇڏيو آهي، ۽ انهن علمن کي خالص مادي بنيادن تي تشڪيل ڏئي انسان کي ماديت جي واٽ تي لڳايو آهي.

اهو پنهنجي خالق جي سڀ کان وڏي ناشڪري ۽ نعمت جي انڪار جو عمل آهي، جنهن جي سزا اڄ دنيا ۾ انسان کي اها ملي رهي آهي ته هو ساري مادي ترقيءَ جي باوجود دنيا جي چوراهن تي حيران ۽ پريشان بيٺو آهي. ڪيس سمجهه ۾ نٿو اچي ته انسانيت جي نفسياتي ۽ ذهني سڪون جي ڪهڙي صورت هجي. گڏوگڏ، باهمي ٽڪراءُ کي ڪيئن روڪجي، جيئن انسانيت خونريزي کان بچي، ۽ معاشرتي مسئلن کي ڪيئن حل ڪجي.

رڳو ايترو نه، پر ٻين قومن تي به اهو دٻاءُ وڌو پيو وڃي ته اهي به پنهنجن علمن ۽ فنون مان الله جو نالو ۽ عقيدو ڪڍي ڇڏين، ۽ انهن علمن کي خالص مادي بنيادن تي ترتيب ڏين. اڄ جي دور جو هي الميو جيترا به رت جا ڳوڙها ڳاڙيا وڃن، گهٽ آهن.

## طبعت ۾ بوجه ۽ تنگي جي حالت:

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ الَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ (سورة الم نشرح، آيت 1-3)

(ڇا اسان تو لاءِ تنهنجو سينو نه کوليو؟ ۽ اسان تو مٿان تنهنجو اهو بوجه نه لاٿو جنهن تنهنجي پُٺ کي بوجهل بڻائي ڇڏيو هو؟)

انهن آيتن ۾ انهن ماڻهن جي حالت جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جيڪي محبت جي راهه تي هلن ٿا. جڏهن ماڻهو الله جي ذڪر ذريعي پنهنجي نفس کي سڌارڻ ۽ پاڪ ڪرڻ جي راهه تي لڳن ٿا، ته انهن جي دل ۽ نفس تي الله جي جلالي صفتن جو اثر اچڻ لڳي ٿو. انهيءَ سبب الله جي طلبگار کي پنهنجو سينو تنگ لڳي ٿو بي چيني محسوس ٿيندي آهي، ۽ طبيعت ۾ سخت مونجهارو پيدا ٿيندو آهي.

هي حالت ڪڏهن ڪڏهن روزمره جي زندگي ۾ ڪافي عرصي تائين قائم رهي ٿي. پر جڏهن ماڻهو ذڪر جي ڪثرت سان پنهنجي نفس جي قوتن کي قابو ۾ آڻي وٺندو آهي، تڏهن اها تنگي، بوجهل پن، ۽ بي چيني ختم ٿيڻ لڳي ٿي، ۽ طبعت ۾ سڪون پيدا ٿيندو آهي.



## جنهن شخص تان عذاب ٽاريو ويو، تنهن تي الله جو وڏو ڪرم ٿيو:

مَنْ يُّصْرَفْ عَنْهُ يَوْمَىٕذٍ فَقَدْ رَحِمَهٗ ۭ وَذٰلِكَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ (سورة الانعام، آيت 16)

(جنهن ماڻهوءَ کان ان ڏينهن عذاب ٽاري ڇڏيو ويو، ته بيشڪ الله ان تي رحم ڪيو۔ ۽ اها ئي ڪليل ڪاميابي آهي)

آخرت جو عذاب اهڙي شيءِ آهي، جيڪا سيني کان وڌيڪ ڏک ڏيندڙ ۽ اذيتناڪ آهي. مومن ماڻهو سڀ کان وڌيڪ انهيءَ عذاب کان ڊڄندو آهي. انهيءَ کان نجات جي سلسلي ۾ ڪيس پنهنجي سڄي زندگيءَ جا عمل به بيڪار نظر اچن ٿا. ڇو ته حقيقت ۾ الله جي خاص فضل سان ئي عذاب کان بچڻ جو رستو پيدا ٿيندو آهي.

انهيءَ ڪري عملن تي ڀروسو ڪرڻ ڪافي ناهي، ڇو ته جيڪڏهن الله کي بندي جو ڪو هڪ عمل ئي ناپسند آيو ته اهو به عذاب جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ان ڪري جيئن عمل ڪرڻ ضروري آهي، تيئن الله کان سندس خاص فضل جي دعا به ڪرڻ گهرجي.

جيڪي الله جا ويجهو ماڻهو رهيا آهن، جيڪي الله جي معرفت رکندڙ آهن، اُهي به هميشه الله جي عتاب کان ڊڄندا رهيا آهن. جن ماڻهن کان عذاب ٽاري ڇڏيو ويو، جن کي معافي ملي، اُهي سڀ کان خوش نصيب انسان سمجهيا ويندا.

دنياوي زندگي اڪثر انسانن کي آخرت جي عذاب کان غافل ڪري ڇڏيندي آهي، ۽ انهيءَ جو فڪر ئي دل مان ختم ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن فڪر ٿئي به، ته ٿوري دير لاءِ ٿيندو آهي، وري ماڻهو وساري ڇڏيندو آهي. پر اهل الله، جيڪي الله کي سڃاڻن ٿا، تن تي اهو فڪر هر وقت غالب رهندو آهي.

غفلت ۽ عملن جي سزا گهڻو پري جي ڳالهه ناهي. موت کان پوءِ ئي جزا ۽ سزا جو عمل شروع ٿي ويندو آهي. قبر ۾ ئي دوزخ ۽ جنت جا منظر ڏيکاريا وڃن ٿا. شال

الله اسان سڀني سان نرمي جو سلوڪ فرمائي ۽ اسان کي پنهنجي عذاب کان بچائي. آمين.

## گناهن جي عادت پختي ٿيڻ سبب توبہ طرف نہ اچڻ:

اَفَلَا يَتُوْبُوْنَ اِلَى اللّٰهِ وَيَسْتَغْفِرُوْنَهٗ ۭوَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ(سورت المائده، آيت ٧٤)

(تہ پوءِ اهي الله ڏانهن توبہ چو نہ کن ٿا ۽ ان کان گناهن جي معافي چو نہ گهرن ٿا. جڏهن تہ الله تہ بخشڻ وارو مهربان آهي)

هي آيت ۽ اهڙيون ڪيترائي ٻيون آيتون ٻڌائن ٿيون تہ الله جي بخشش ۽ رحمت ايتري وسيع آهي جو هو هميشہ پنهنجي بندي کي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ وٺڻ لاءِ تيار آهي. پر افسوس جو هي بندي جي محرومي آهي، جو اهڙي رحمت ۽ بخشش واري ذات ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

عام طور تي انسان نفس پرستي ۽ ماديت جي اثر هيٺ رهي ٿو جنهن سبب الله کان غفلت سندس مزاج جو حصو بڻجي وڃي ٿي. ساڳئي وقت نفس پرستي واريون قوتون هن کي مسلسل گناهن ۾ مصروف رکن ٿيون، جنهن سبب گناهن جي عادت سندس طبيعت ۾ پختي ٿي وڃي ٿي، تنهنڪري هو توبہ ۽ معافي واري راهہ تي اچڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو آهي.

## عذاب جي بدلي سڀ ڪجهہ ڏيڻ جي حسرت:

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لِيَفْتَدُوْا بِهٖ مِنْ عَذَابِ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَا تُقُبِّلَ مِنْهُمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (سورت المائده، آيت ٣٦)



(جيڪڏهن انهن ڪافرن وٽ ڌرتيءَ جا سمورا خزانا ۽ انهن جيترو ٻيو بہ ڪجهہ هجي، ۽ اهي قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان بچڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهہ فديہ طور ڏيڻ گهرن، تڏهن بہ اهو انهن کان قبول نہ ڪيو ويندو، ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب هوندو)

آخرت ۾ ڪافرن جي اها خواهش تہ هو الله جي عذاب کان بچڻ لاءِ سڄي دنيا جا خزانا بہ ڏئي ڇڏين، بلڪ ٻيڻا خزانا بہ ڏئي ڇڏين، اها ڳالهہ اهڙي آهي جو نافرمان بندي کي ڪفر ڇڏڻ ۽ الله ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي.

جيڪڏهن اهڙيون قرآني آيتون بہ ڪافرن کي خبردار نٿيون ڪن، تہ اسان کي تہ ضرور انهن آيتن مان عبرت وٺي، الله ڏانهن مڪمل رجوع وارو رستو وٺڻ گهرجي. ڇو تہ گناهن جي خاصيت بہ آخرڪار عذاب ئي آهي، پلي اها عذاب جي هلڪي صورت هجي، جيڪا عذاب ڏئي معافيءَ سان ختم ٿيندي، پر گناهن جو نتيجو عذاب بڻجڻ ئي پاڻ ۾ اهڙي سزا آهي، جو ماڻهو جا هوش حواس بہ ختم ٿي وڃن ٿا.

سو اڃا بہ عمل ڪرڻ جو وقت موجود آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ گناهن کان بچڻ جي پوري ڪوشش ڪريون، ۽ نيڪ عملن جي عادت کي مضبوط بڻائي، پاڻ کي الله جي سزا کان بچايون.

## نيڪي جي ڪم ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ جي تاڪيد:

وَتَعَاوَنُوْا عَلَي الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۠ وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَي الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ(سورت المائده، آيت ١)

(نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ وارن ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪيو ۽ گناهہ ۽ ظلم جي ڳالهين ۾ مدد نہ ڪيو)

نيڪي وارن ڪمن ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ سان نيڪي ۾ واڌارو اچي ٿو. جيتري قدر نيڪي وڌندي، اوترو ئي برائيءَ جون قوتون ڪمزور ٿينديون.

ابلاغ يعني پيغام پهچائڻ جي طاقت، ذهنن کي تبديل ڪرڻ جي معاملي ۾ فيصلو ڪندڙ اهميت اختيار ڪري چڪي آهي. انهن ذريعن وسيلي نيڪي جي ڳالهه وڏيڪ ماڻهن تائين پهچائي سگهجي ٿي، پر هن سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ جو جذبو اٽلي نظر اچي ٿو. ان جو وڏو سبب گروهن ۽ دائري وارين حدن ۾ بند ٿيڻ آهي.

عام طور تي هر گروهه جي حالت اها آهي ته، جيتوڻيڪ سندس دائري کان ٻاهر ڪو ڪيترو به وڏو ۽ بهتر ڪم ڇو نه ٿي رهيو هجي، پر اهو نه رڳو اهو ڪم ٻين تائين پهچائڻ ۾ مدد نٿو ڪري، بلڪ ان کي ڪا اهميت ڏيڻ لاءِ به تيار ناهي. ان روئي سبب امت جو وڏو طبقو پنهنجي حلقن کان ٻاهر جي علمي ۽ ديني شخصيتن جي فڪر کان نه فقط محروم آهي، پر ٻين کي به اهڙن فائديمند ڪمن سان متعارف ڪرائڻ کان رهجي وڃي ٿو.

اسان جو هي رويو "و تعاونوا علي البر" جي اصول جي خلاف آهي. الله تعاليٰ اسان کي انهن گروهي حدن مان ڪڍي، امت جي فڪر تي آڻي، ته جيئن اسان امت جي علمي، فڪري ۽ ذهين شخصيتن جي سوچ مان پاڻ به فائدو حاصل ڪري سگهون ۽ ٻين کي به ان مان فائدو وٺڻ جي دعوت ڏئي سگهون.

## نعمتن جي شڪرگذاري سان وڌيڪ نعمتن جو عطا ٿيڻ:

"لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَأَزِيدَنَّكُمْ وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ إِنَّ عَذَابِي لَشَدِيدٌ" (سورت ابراهيم، آيت ٧)

(منهنجي نعمتن جو شڪر ادا ڪندؤ ته مان اوهان کي وڌيڪ نعمتون عطا ڪندس، ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪندؤ ته ياد رکو ته منهنجو عذاب سخت آهي.)

هن آيت مبارڪ ۾ نعمتن جي شڪرگذاري سان وڌيڪ نعمتن عطا ٿيڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. سڀ کان وڏي نعمت ايمان جي نعمت آهي،



جنهن جي شڪرگذاري اها آهي ته الله پاڪ جي خالص عبادت ۽ اطاعت کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻايو وڃي، جنهن سان ايمان ۾ واڌارو ٿيندو.

مال جو حاصل ٿيڻ به الله جي وڏي نعمت آهي. ان جي شڪرگذاري اها آهي ته پنهنجي ذات، اهل و عيال تي خرچ ڪرڻ سان گڏ غريبن ۽ تنگ دست ماڻهن کي به ان نعمت ۾ شامل ڪيو وڃي. اهڙيءَ صورت ۾ مال جي نعمت ۾ به واڌارو ٿيندو.

صحت به هڪ وڏي نعمت آهي. ان جي شڪرگذاري اها آهي ته پنهنجي توانائين کي الله پاڪ جي عبادت ۽ ذڪر فڪر ۾ استعمال ڪيو وڃي. علم به هڪ نعمت آهي، ان جي شڪرگذاري اها آهي ته ٻين کي علم جي حقيقت کان آگاهه ڪيو وڃي، جنهن سان علم جي نعمت ۾ واڌارو ٿيندو، يعني علم ۾ ترقي ٿيندي.

شڪرگذاري جو هڪ طريقو هي به آهي ته زبان سان الله پاڪ جا شڪر ادا ڪيا وڃن ته: "يا الله! مان انهن نعمتن جو لائق نه هئس، تنهنجو خاص فضل آهي جو تون مون تي اهي نعمتون عطا ڪيون آهن. بس التجا آهي ته اهي نعمتون قائم ۽ برقرار رکي ۽ آخرت ۾ انهن جو حساب نه وٺج، جيڪڏهن حساب ٿئي به ته آسانيءَ سان ٿئي."

نعمتن جي شڪرگذاري جي صحيح صورت اها آهي، جيڪا مٿي بيان ڪئي وئي آهي ته ٻين کي به انهن نعمتن ۾ شامل ۽ شريڪ ڪيو وڃي.

نعمتن جي ناشڪري مان مراد اها آهي ته الله جي ڏنل نعمتن کي سندس نافرماني ۽ بغاوت ۾ خرچ ڪيو وڃي، جيئن ته جسماني توانائين ۽ مال کي عبادت ۽ اطاعت جي ابتڙ ڪم ۾ استعمال ڪرڻ. اهڙي عمل جي نتيجي ۾ سخت عذاب جي ڌمڪي ڏني وئي آهي.

## وڏن ماڻهن جي سرڪشي جي ڪري عذاب اچڻ:

"وَإِذَا أَرَدْنَا أَنْ نُهْلِكَ قَرْيَةً أَمَرْنَا مُتْرَفِيهَا فَفَسَقُوا فِيهَا فَحَقَّ عَلَيْهَا الْقَوْلُ فَدَمَّرْنَاهَا تَدْمِيرًا"(سورت بني اسرائيل، آيت ١٦)

(جڏهن اسان ڪنهن ڳوٺ کي برباد ڪرڻ جو ارادو ڪندا آهيون (انهن جي گناهن سبب)، ته اسان (نبيّن جي ذريعي) ان ڳوٺ جي سردارن ۽

مالدارن کي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا آهيون، پر اهي نافرماني ڪندا آهن، پوءِ ان تي عذاب جو حڪم لازم ٿي وڃي ٿو پوءِ اسان ان کي پوريءَ طرح تباهہ ڪري ڇڏيندا آهيون.)

هن آيت مان هڪ اهم حقيقت ظاهر ٿئي ٿي تہ الله سان بغاوت ۽ سرڪشي جي شروعات عام طور وڏن ماڻهن يعني سردارن ۽ مالدارن طرفان ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهو انهن جي اثر هيٺ هوندا آهن، تنهنڪري اهي بہ انهن جي نقش قدم تي هلي سرڪشي جي راهہ اختيار ڪندا آهن. تمام ٿورا ماڻهو اهڙا ٿين ٿا، جيڪي سردارن جي اثر کان آزاد ٿي داعيءَ جي سچي وات اختيار ڪندا آهن.

تنهن ڪري جڏهن سردار ۽ وڏا ماڻهو اسلامي دعوت کي رد ڪري الله جي سرڪشي ڪندا آهن، تہ الله جي عذاب جو قانون انهن تي لاڳو ٿي ويندو آهي ۽ اهي عذاب جا مستحق بڻجي ويندا آهن.

قيادت، سيادت ۽ مالداري پاڻ سان وڏائيءَ جا احساس ۽ جذبا کڻي ايندي آهي، جيڪي حق کي قبول ڪرڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن. قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي جڳهن تي مالدارن ۽ سردارن جي اهڙي روش جو ذڪر آيو آهي.



علي اڪبر راهمون

# مشيل فوڪو جي فڪر جي يلغار ۽ اسلامي فڪر جو دفاع
# (فڪري تعارف - ۽ فڪري تنقيد)

تاريخ جي گذريل ٽن صدين ۾ مغربي فلسفي جا وڏا نالا—ڊيڪارٽ، ڪانٽ، هيگل، مارڪس، ۽ نطشي انساني شعور، ترقي، ۽ عقل تي ٻڌل سماج جي تعمير جا داعي رهيا. انهن مفڪرن جي وچ ۾ فڪري تضادن جي باوجود، انهن جو گڏيل خواب هڪ اهڙو روشن، منصفاڻو ۽ ترقي پسند انسان ۽ سماج هو جيڪو عقل ۽ سائنس جي بنياد تي قائم ٿيندو.

پر ٻن عالمي جنگن، استعماري ظلم، ۽ اخلاقي بحران انهن دعوائن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. عقل ۽ سائنس جي نالي تي انسانيت جي تباهيءَ جي نتيجي ۾ 20هين صديءَ ۾ مغرب اندر ئي انهي فڪر تي بي اعتمادي پيدا ٿي. ان بي اعتمادي مان "پوسٽ ماڊرن فڪر" پيدا ٿيو جنهن جديديت جي بنيادي اصولن تي تنقيد ڪئي

## مشيل فوڪو: پوسٽ ماڊرن تنقيد:

پوسٽ ماڊرن دور جو هڪ نمايان نالو مشيل فوڪو آهي، جنهن علم، طاقت، ۽ سماجي ادارن جي باهمي لاڳاپن تي انتهائي اثرائتي تنقيد پيش ڪئي. فوڪو مطابق:

علم ڪڏهن بہ معصوم يا غير جانبدار ناهي.

علم هميشہ طاقت سان ڳنڍيل هوندو آهي، ۽ طاقتور ڌريون علم ۽ سچ جي تعمير ڪن ٿيون.

سماجي قدر، اخلاقي معيار، ۽ فرد جي سڃاڻپ بہ تاريخي طاقت جي پيداوار آهن.

فوڪو جو بنيادي نظريو آهي تہ طاقت نہ صرف جبر جو وسيلو آهي، پر علم ۽ سچ جي تعمير جو ذريعو بہ آهي.

## فوڪو جا مرڪزي خيال ۽ انهن جا نتيجا

1. ڊسڪورس/علمي اظهار جا نمونا

سماج ۾ جيڪي "سچ" يا "اخلاق" مڃيا وڃن ٿا، اهي مخصوص . تاريخي ۽ طاقتور ادارن جي پيداوار هوندا آهن.

2. علم ۽ طاقت جو ڳانڍاپو

علم ۽ طاقت هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. علم طاقت پيدا ڪري ٿو ۽ طاقت علم کي پنهنجي مرضيءَ مطابق استعمال ڪري ٿي.

3. هميشہ جي نگراني جو نظام

جديد سماج ماڻهن جي سوچ، روين ۽ سڃاڻپ تي نگراني ۽ ضمير جي ڪنٽرول ذريعي حڪمراني ڪري ٿو.

4. مزاحمت

طاقت هر جڳهہ تي موجود آهي، پر فوڪو چوي ٿو: "جتي طاقت آهي، اتي مزاحمت بہ آهي." يعني طاقت مطلق ناهي، ان خلاف ردعمل هميشہ موجود هوندو آهي.

## فوڪو جي فڪر جا اثرات

مثبت پهلو:

طاقتور ادارن جي سماجي تشڪيل جي نقاب ڪشي.

علم جي غيرجانبداريءَ تي تنقيد.

اقتدار جي نون روپن جي سڃاڻپ.

## منفي پهلو:

قدرن جي مطلق هجڻ جو انڪار، جنهن سان اخلاق جو نسبتي هجڻ پيدا ٿيو.



ظلم ۽ عدل جي سڃاڻپ طاقت جي مرضيءَ تي مدار رکڻ لڳي.

سماج بي رخي، خودغرضي ۽ انتشار جو شڪار ٿيو.

## تنقيدي نظر

فوڪو جي فڪر موجب، جيڪڏهن قدر هر دور جي طاقت جو عڪس آهن تہ پوءِ قدرن جي ڪا بہ مستقل، عالمي، يا آفاقي حيثيت ناهي بچندي. اهڙي سوچ بالآخر انسانيت جي اخلاقي نظام کي تباهي. ڏانهن وٺي ويندي آهي.

## .اسلام جي فڪري جوابدهي: روشني، توازن، ۽ قدر

اسلام طاقت جي رشتن کي نظرانداز نٿو ڪري، پر ان جي جوڙجڪ کي وحي، عقل، ۽ فطرت تي مبني اخلاقي اصولن سان توازن ۾ آڻي ٿو:

اسلامي تعليمات موجب علم طاقت جو اوزار نہ، پر امانت آهي.

اخلاقي قدر تاريخي طاقت جي پيداوار نہ، پر آفاقي اصول آهن، جيڪي انسان جي فطرت، وحي، ۽ عقل مان پيدا ٿين ٿا.

انسان جي سڃاڻپ طاقت جو هٿيار ناهي، بلڪ رباني مقصد سان جڙيل آهي.

اسلام انسان کي ذميوار آزادي، سچي علم ۽ اعليٰ قدرن جي روشنيءَ ۾ سنوارڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

## .اڄ جو چئلينج: جديد فڪر، نوجوان، ۽ اسلامي دعوت

اڄ جو نوجوان، خاص طور تي سنڌي سماج ۾، جديديت، سيڪيولرازم ۽ الحاد جي سيلاب کان متاثر ٿي رهيو آهي. ڪيترائي نوجوان مذهب کي غير سائنسي، پٺتي پيل، ۽ غير عقلي سمجهن ٿا.

اهڙي ماحول ۾ اسان جي ذميواري آهي تہ:

اسلام جو علمي، عقلي، ۽ اخلاقي دفاع پيش ڪريون؛

نوجوانن جا سوال فتويٰ بدران فڪري دليلن سان حل ڪريون؛

دين جي دعوت، پرامن، ۽ متوازن مڪالمي جي صورت ۾ سنجيدگي سان سامهون آڻيون.

## الحاصل:

مشيل فوڪو جهڙن مفڪرن جون تنقيدون مغربي فڪر جي الحادي فڪرن کي اجاگر ڪن ٿيون، پر اهي انساني فطرت، روحانيت، ۽ مطلق اخلاقيات جو نعم البدل مهيا نہ ٿيون ڪري سگهن . فڪر جي آزاديءَ جي نالي تي جڏهن قدر نسبتي بڻجي وڃن، تہ سماج رڳو طاقت جي راند بڻجي ٿو.

اسلام، وحي ۽ عقل جي روشنيءَ ۾ هڪ اهڙو متوازن، اخلاقي، ۽ روحاني فڪر پيش ڪري ٿو، جيڪو طاقت جي ناجائز استعمال کي رد ڪري، ۽ انسان جي وقار، آزادي، ۽ ذميواريءَ کي مرڪز بڻائي ٿو.

## آخر ۾ ٻہ اکر

مون کي احساس آهي، تہ هن سنجيدي، فلسفياڻي موضوع جا پڙهڻ ۽ سمجهڻ وارا قاري تمام ٿورڙا هوندا، پر مون کي قوي اميد آهي، تہ سچائي جا ڳولائو ڪجه اهل علم ضرور اهڙي فڪري ڪوشش سان اتفاق ڪندا ۽ هن دفاعي، اصلاحي جدوجهد ۾ ساٿ ڏيندا. جئين تعليم يافتہ سنڌي نوجوان جي بهتر طريقي سان رهنمائي ڪري سگهجي، جيڪڏهن اهڙا دوست ٿورڙا بہ مليا، تہ بہ اها ڪامعمولي ڳالهہ نہ هوندي، يقينن اهي پنهنجي علم، قلم، فڪر ۽سچائي جي ذريعي تاريخ جي صفحن تي اڻ مٽ نقش ڇڏي ويندا، ۽ آخرت ۾ پنهنجي حقيقي مالڪ اڳيان سرخرو پڻ ٿيندا. انشاء الله تعاليٰ.



ترتيب: ضمير حسين لغاري

# روس ۽ چين ۾ انقلاب ڪانپوءِ مسلمانن سان ڇا ٿيو؟

## روس ۽ چين جا انقلاب: جديد دور جي رياستي چنگيزيت جو خوني باب

اولهہ جي جديد فڪر مسلم دنيا ۾ هڪ سيڪيولر طبقو پيدا ڪيو آهي. ان طبقي سان لاڳاپيل دانشور هر جاءِ تي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ ”اسين طاقت نہ پر دليل ۽ مڪالمي جي ڳاله ڪريون ٿا. اسين جهالت نہ پر عِلم جا علمبردار آهيون. اسلام تشدد جو پرچار ڪري ٿو ۽ اسلامي تحريڪون بہ تشدد پکيڙي رهيون آهن.“

هن سيڪيولر طبقي جي تاريخ اها آهي تہ آمريڪا کان يورپ ۽ روس کان وٺي چين تائين، ان سوچ جي ماڻهن کي جڏهن بہ موقعو مليو آهي اهي ’فاشسٽ‘ ۽ تشدد پسند بڻجي سامهون آيا آهن.

علامہ اقبال رحہ اهڙن ئي ماڻهن بابت چيو تہ اوهان کي مغرب جي جمهوريت جو ڏيک ويک ۽ ٺاهہَ ٺُوهہَ تہ تمام خوبصورت ۽ مهذب ڏسڻ ۾ ايندو جتي برابري، آزادي ۽ انساني حقن جا دلڪش نعرا لڳن ٿا، پر حقيقت ۾ ان جو باطن چنگيز خان جي دور جيان ظالماڻو خودغرض ۽ طاقت جي حڪمرانيءَ سان ڀريل آهي. ان نظام جي اندر ۾ وحشت، بربريت، سرمايہ داري ۽ مفادن جي اونداهي لڪيل آهي، جيڪا انصاف ۽ انسانيت جي موت آهي.

’روشن خيال‘ ۽ ’سيڪيولر فاشسٽ‘ دانشورن جي نظر ۾ مسلم ’انتها پسندن‘ جو علاج ئي اهو آهي تہ طاقت ۽ اقتدار حاصل ڪري کين ختم ڪري ڇڏجي، حالانڪ خود سموري مسلم دنيا صدين کان آمريڪا،

برطانيہ، فرانس، اٽلي ۽ ٻين اتحادين جي شڪارگاھ بڻيل آهي. اڄ بہ پاڪستان کان وٺي فلسطين تائين، ۽ مصر کان مراڪش تائين اسلامي دنيا ٽي استعماري طاقتن جي چنبي ۾ آهي.

مصر ۽ شام جي 'اخوان المسلمون' هجي يا ننڍي کنڊ جي جماعت اسلامي، الجزائر جي 'اسلامڪ سالويشن فرنٽ' هجي يا ترڪي جي رفح پارٽي، ڪنهن بہ اسلام پسند جماعت طاقت جي جواب ۾ ڪڏهن بہ طاقت استعمال ناهي ڪئي، ۽ وڏي عوامي اڪثريت سان حڪومتون ٺاهي بہ ڪنهن خلاف انتقامي ڪاروائيون ناهن ڪيون، سدائين پُرامن سياسي مڪالمي جي واٽ ورتي آهي.

ان جي ابتڙ سيڪيولرازم جي سموري تاريخ 'فاشزم' جي تاريخ رهي آهي. سيڪيولرازم ۽ فاشزم هر جاءِ هٿ ۾ هٿ ڏئي گڏ رهيا آهن. جتي بہ سيڪيولر عناصر اقتدار ۾ آيا آهن هنن مخالف تحريڪن ۽ جماعتن کي رياستي استحصال ۽ فسطائيت جو کاڄ بڻايو آهي، ۽ اهڙي وقت ۾ بڻايو آهي جڏهن سيڪيولر قوتون ڪنهن محڪومي ۽ مظلومي واري حالت ۾ نہ پر حڪومتي طاقت ۽ مقبوليت واري حالت ۾ رهيون آهن. هن طبقي وٽ انسان لاءِ عزت، رحم ۽ تڪريم موجود ناهي. هنن جي نظام ۾ آزادي، عدل، انصاف ۽ انساني حق نظر جي ڏوڪي ڪانسواءِ ڪجھ ناهن.

اچو تہ فقط ٻن مثالن، يعني روس جي ڪميونسٽ انقلاب ۽ چين جي سوشلسٽ انقلاب تي نظر وجهي ان حقيقت کي سمجهون.

## روس جو خوني انقلاب

روس جو انقلاب، جنهن کي عظيم سوشلسٽ انقلاب، ڪميونسٽ يا بولشويڪ انقلاب بہ چئجي ٿو ذري گهٽ هڪ ڪروڙ انساني جانيون ڳڙڪائي ويو. جي ها، روس جي گهرو ويڙهہ ۽ فڪري جنون جي باھ ۾ لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ حياتيون سڙي ويون. اها تاريخي تباهي فقط نظام جي تبديلي نہ پر انسانيت جي قيمت تي ٿيل هڪ خوني تجربو هو.



سال 1917 کان شروع ٿيل سياسي وڳوڙ دوران ماڻهن کي سرمايہ دار ۽ 'بورزوا' چئي ماريو ويو. انقلاب کان پوءِ ماڻهن کي 'غدار' قرار ڏئي چيپاٽيو ويو ۽ ڪين سائبريا جي 'برفاني جهنم' جي جيلن ۾ ڦِٽي ڪيو ويو.

'بورزوا' يعني اهي ماڻهو جن وٽ زمين، ڪارخانو دڪان، يا سرمايو هجي. اهي مزورن جي پورهئي تي عيش ڪندڙ ۽ 'استحصالي طبقا' سمجهيا ويندا هئا. روس ۾ 1917 واري بالشويڪ انقلاب کانپوءِ شروع ٿيل طبقاتي جنگ دوران زميندارن، واپارين ۽ ڪارخاني دارن کي 'عوامي دشمن' قرار ڏنو ويو. گهڻن کي بنا عدالتي ڪاروائي جي گولين جو کاڄ بڻايو ويو.

ماڻهن جون زمينون، ملڪيتون ۽ جمع پونجي زوري کسي وئي. ذاتي دشمني جي بنياد تي بہ ماڻهن کي 'بورزوا' قرار ڏئي ماريو ويو. لکين هارين کي قتل يا جلاوطن ڪيو ويو.

سوويت انقلاب هڪ پاسي سماجي انصاف جي دعويٰ ڪندو هو پر ٻئي پاسي ان پاڻ ئي ظلم جي بنياد تي سماج جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ هڪ طبقي خلاف نفرت پيدا ڪري انساني حقن جي لتاڙ ڪئي.

بالشويڪ پارٽي ڪارل مارڪس ۽ لينن جي نظريي جي پوئلڳ هئي، جنهن ۾ مذهب کي 'عوام جي آفيم' چيو ويو. سندن خيال هو تہ مذهب انساني ترقي ۾ رنڊڪ آهي، تنهن ڪري رياست مان مذهب کي ختم ڪرڻ ضروري آهي. انقلاب کانپوءِ الحاد روس جو سرڪاري نظريو ۽ رياستي پاليسي بڻجي ويو جنهن جي نتيجي هر مذهب خاص طور اسلام خلاف انتقامي ڪاروائيون ڪيون ويون.

## مذهبي طبقي خلاف مهم

روس جي قبضي هيٺ ڪيترائي مسلمان ملڪ يا علائقا هئا، جهڙوڪ ازبڪستان، تاجڪستان، قازقستان، ڪرغيزستان، ترڪمانستان، تاتارستان، داغستان، آذربائيجان، چيچنيا، جارجيا وغيره.

انهن علائقن ۾ مسلمانن جي اسلامي سڃاڻپ ختم ڪرڻ لاءِ سخت قدم کنيا ويا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترين ئي مسلمان قومون پنهنجي دين کان پري ٿي ويون، ڪيترين ئي نسلن تائين سندن مذهبي سوچ ۽ سڃاڻپ ختم ٿي وئي، ۽ اسلام ڪجه جاين تي فقط ذاتي حيثيت ۾ ماڻهن جي زندگين ۾ زنده رهيو ۽ رڳو ڳجهي نموني اسلام جي پيروي ممڪن رهي.

سنہ 1917 کانپوءِ فقط ويهن سالن ۾ 25 هزار کان وڌيڪ مسجدون بند ڪيون ويون، يا يا ڍاهي پٽ ڪيون ويون. ڪيترين ئي وڏين مسجدن کي گودام يا اسڪول بڻايو ويو. انهي عرصي دوران 45 هزار کان وڌيڪ مذهبي اڳواڻ (اسلامي عالم، پيش امام، مفتي) جاسوسي ۽ 'سامراج سان لاڳاپن' جي الزام هيٺ قتل ڪيا ويا.

مذهبي تعليم ڏيڻ کي ڏوه قرار ڏنو ويو. قرآن مجيد ۽ اسلامي ڪتابن جي ڇپائي، ورهاست ۽ پڙهڻ تي پابندي لڳائي وئي. حڪومت پاران مدرسا بند ڪيا ويا. عربي فارسي ۽ ترڪي ٻولين تي پابندي مڙهي وئي. ديني ڪتاب ضبط ڪري ساڙيا ويا. ايتري قدر جو ماڻهن بي حرمتي جي ڊپ کان قرآن پاڪ پٽين ۾ لنبي ڇڏيا.

سوويت يونين جي مسلمان علائقن ۾ اسلام بابت تعليمات کي نصاب مان خارج ڪيو ويو. حجاب، ڏاڙهي ۽ اسلامي لباس تي پابنديون لڳايون ويون. اذان ڏيڻ، نماز پڙهڻ ۽ روزو رکڻ کي ڏوه قرار ڏنو ويو. جمعي ۽ عيد نماز جي اجتماعي عبادت کي بہ 'سياسي بغاوت' چئي ماڻهن کي قيد يا قتل ڪيو ويو. حج تي وڃڻ تي سخت پابنديون هيون ويون، ۽ اهو عمل 'غيرسوشلسٽ سرگرمي' قرار ڏنو ويو.

اسلام کي منظم ۽ شعوري طور ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۽ ظلم جي هوندي بہ ذري گهٽ 60 سالن کانپوءِ يعني 1980 جي ڏهاڪي ۾ اسلامي تحريڪون ٻيهر زنده ٿيون.



افغانستان تي روس جي ڏهن سالن جي قبضي کانپوءِ جڏهن 1979 ۾ سوويت يونين جو سياسي نظام وکري ويو تہ انهن سمورن ملڪن آزادي ماڻي، ۽ اسلام ٻيهر آزاد مسلم تحريڪن جي صورت ۾ اڀريو جنهن جي اثر هيٺ چيچنيا، داغستان، انگوشتيا، قفقاز ۽ مسلمانن جي ٻين علائقن ۾ روسي قبضي خلاف هٿياربند جدوجهد شروع ٿي. ان جو اثر اڄ بہ وچ ايشيائي ملڪن توڙي روس اندر موجود آهي.

## چين ۾ ڇا ٿيو؟

چين ۾ بہ 1949 ڌاري 'چائنيز ڪميونسٽ پارٽي' مائوزي تنگ جي اڳواڻي ۾ انقلاب آندو، هن پارٽي ڪارل مارڪس ۽ لينن جي نظرين جي بنياد تي هڪ مڪمل ڪميونسٽ رياست وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اها ٿورو مختلف يعني هڪ 'سوشلسٽ رياست' بڻجي وئي. هن وقت چين هڪ سرمائيدار معاشي طاقت بڻجي چڪو آهي، جتي ڪنهن کي سياسي، مذهبي ۽ شخصي آزادي اڄ بہ ميسر ناهي.

مائوزي تنگ جو قول آهي تہ "طاقت بندوق جي نالي مان ئي نڪري ٿي." چين ۾ ٿيو بہ ائين، چيني انقلاب چار ڪروڙ لاشن تي جشن جو رقص ڪيو.

اهو انقلاب چين جي غريب هارين ۽ مزورن جي نالي تي آندو ويو پر بنيادي طور جاگيردارن، سرمائيدارن، مذهبي ادارن، ۽ چين جي 'ڪوميتنگ پارٽي' جي حڪومت خلاف هيو جنهن سان مائوزي جي ڪميونسٽ پارٽي گهرو ويڙهه وڙهي.

اهو انقلاب بہ انساني تاريخ جي بدترين المين مان هڪ بڻجي ويو. ان اٿل پٿل ۾ لکين ماڻهو مارجي ويا. مذهبن تي پابندي مڙهي وئي ۽ خاص طور مسلمان اقليتن تي وحشياڻو ظلم ڪيو ويو. جاگيرداراڻي ۽ سرماياداراڻي سياسي نظام سان گڏو گڏ مذهب کي پڻ نشانو بڻايو ويو. مذهبي آزادي کي 'شعور جو دشمن' سڏيو ويو.

مائوزي جي غلط معاشي پاليسي سبب جڏهن زمينداري ختم ڪري قوم کي فولاد ٺاهڻ جي ڪم تي لڳايو ويو تہ ان جو نتيجو انساني تاريخ جي بدترين ڏڪار جي صورت ۾ نڪتو.

چين ۾ بُک، بدحالي، جبري پورهئي، سياسي سزائن ۽ خودڪشين جي دور ۾ فقط 1958 کان 1962 تائين 40 کان 45 لک ماڻهو مارجي ويا. (ان وقت چين جي آبادي 65 کان 67 ڪروڙ هئي.) هڪ اندازي موجب سموري انقلاب ۾ مارجي ويلن جو انگ پنج ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي.

## مسلمان اقليتن تي ظلم

چيني انقلاب نہ رڳو سياست، پر انسانيت، مذهب ۽ ثقافت جي قتل جو بہ هڪ باب هو. اسلام ان دور ۾ خاص نشانو بڻيو. مائوزي تنگ ڀاران هر مذهبي ۽ ثقافتي سڃاڻپ کي ختم ڪرڻ لاءِ نوجوانن جا گروپ 'ريڊ گارڊ' تيار ڪيا ويا، جن مسجدن، مدرسن، لائبريرين، عالمن، اديبن، استادن ۽ ايتري قدر جو عام مسلمان شهرين تي حملا ڪيا. ملڪ ۾ قرآن، نماز ۽ روزي سميت هر مذهبي عمل ۽ سڃاڻپ تي بندش لڳائي وئي. لکين ماڻهن کي ماريو ۽ قيد ڪيو ويو.

چين جي سنڪيانگ (Xinjiang)ريجن ۾ ترڪ نسل جي 'ايغور' مسلمانن ۽ 'ننگشيا' توڙي 'گانسو'جي علائقن ۾ چيني نسل جي مسلمانن جي وڏي آبادي آهي. چين جي هن الهندي خطي جا سني مسلمان پنهنجي ٻولي، لباس، ادب ۽ رسمن رواجن جي لحاظ کان عربي، ترڪي ۽ ايراني اسلامي تهذيب جي اثر هيٺ رهيا آهن ۽ شريعت جا پابند آهن.

چيني انقلاب کان اڳ کين مذهبي آزادي ميسر هئي. ايتري قدر جو ڪيترن ئي سالن جي سياسي تحريڪ جي نتيجي ۾ هن خطي جي مسلمانن 1933 ۾ ڪاشغر ۾ 'اسلامڪ ريپبلڪ آف ايسٽ ترڪستان' نالي ٻهرين خودمختيار اسلامي حڪومت قائم ڪئي، جنهن کي ڪجهہ



مهينن کانپوءِ قوم پرست چيني حڪومت فوجي طاقت ۽ سوويت يونين جي مدد سان ختم ڪري ڇڏيو.

هي مهاڀاري لڙائي (1939 کان 1945) دوران 'ايغور' مسلمانن ٻيهر آزاديءَ جي جدوجهد ڪري حڪومت قائم ڪئي، پر چين ٻيهر ان علائقي تي قبضو ڪيو ۽ ڪميونسٽ انقلاب کانپوءِ ان علائقي کي چين سان ڳنڍي ان جي مذهبي ۽ قومي سڃاڻپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪميونسٽ چيني حڪومت جي ڪاروائي دوران 'ايغور' مسلمانن جون مسجدون بند ڪيون يا ڊاهيون ويون. متن قرآن، نماز پڙهڻ، روزو رکڻ، حج ڪرڻ ۽ تبليغ ڪرڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي. سندن امامن، عالمن، حافظن ۽ مذهبي اڳواڻن کي 'عوام دشمن' قرار ڏيئي قيد يا قتل ڪيو ويو. ايغور ٻولي جي اشاعت ۽ اسلامي تعليم تي پابندي هنئي وئي. سندن اسلامي لباس، نڪاح جي رسمن، ۽ تدفين جي طريقن تائين پابنديون لڳايون ويون.

ايتري قدر جو هن وقت ايغور مسلمانن کي اسلامي طريقي سان نماز جنازه ادا ڪرڻ ۽ روايتي اسلامي طريقي سان تدفين ڪرڻ کان بہ روڪيو وڃي ٿو. حڪومت طرفان کين لاش کي ساڙڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. ان مقصد لاءِ لاش ساڙڻ جا مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. ۽ سندن قبرستان ختم ڪري انهن کي پارڪن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

چين جي سنڪيانگ ريجن (Xinjiang) ۾ ذري گهٽ 10 لک ايغور ۽ ٻيا مسلمان 2017 کان وٺي سرڪاري 'اصلاحي ڪيمپن' ۾ قيد آهن. جتي سندن جبري طور برين واشنگ ڪري چيني ٻولي سيکاري وڃي ٿي، اسلامي عقيدو ۽ عبادتون ترڪ ڪري مذهب کان لاتعلق ٿيڻ لاءِ حلف ورتو وڃي ٿو چين جي ڪميونسٽ نظريي جي تعليم ڏني وڃي ٿي.

جيتوڻيڪ چين سرڪاري طور انهن پابندين کان انڪاري آهي، پر مختلف آزاد رپورٽن، گڏيل قومن جي اداري، انساني حقن جي تنظيمن ۽

صحافتي تحقيقن موجب ايغور مسلمانن تي مڙهيل پابندين جو سلسلو اڄ به جاري آهي.

اهڙي ريت چيني انقلاب مسلمانن لاءِ نه فقط سياسي غلامي پر هڪ ثقافتي، تهذيبي ۽ روحاني نسل ڪشي (genocide) جو ڪارڻ بڻجي ويو، جنهن ۾ سندن سڃاڻپ، عقيدي، ٻولي، ثقافت، ۽ آزاديءَ تي اڄ تائين منظم ۽ بي رحم حملا ٿي رهيا آهن.



آمنه حامد زبيدي

# اهل مغرب جا وڌندڙ ذهني ۽ نفسياتي مونجهارا

## اعداد وشمار جي روشني ۾

مصنوعي ذهانت جديد ميڊيا ۾ معلومات جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي، هر موضوع تي هو معلومات فراهم ڪري ٿو . اسان ان کان پڇيو ته آمريڪا ۽ يورپ ۾ شراب نوشي، نفسياتي بيمارين، جنس زدگي ۽ خانداني نظام جي شمارياتي اعداد و شمار ۾ صورت ڇا آهي؟ هن سوال جي جواب ۾ هن اسان کي جيڪو مضمون موڪليو اهو هتي پيش ٿو ڪجي. (ادارو)

هي رپورٽ آمريڪا ۽ يورپ ۾ سماجي ۽ نفسياتي روين ۾ ٿيندڙ تبديلين جو هڪ جامع تجزياتي جائزو پيش ڪري ٿي. ان جو بنيادي مقصد شراب نوشي، آزاد جنسي عمل، خانداني نظام ۽ نفسياتي بيمارين سان لاڳاپيل هٿ آيل اعداد وشمار جي روشنيءَ ۾ انهن رجحانن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪرڻ آهي، هن رپورٽ جو نقطه نظر اهو آهي ته اهي مسئلا الڳ الڳ ناهن، بلڪه هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، انهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو سمجهڻ صحت عامه ۽ سماجي پاليسين جي لاءِ هڪ ڳوڙهي ۽ درست بصيرت فراهم ڪري ٿو ته جيئن هنن چئلينجز جو موثر طريقي سان مقابلو ڪري سگهجي.

باب اول: شراب نوشي جا اعداد وشمار ۽ ان جا سماجي ۽ طبي نقصان

امريڪا ۽ يورپ ۾ شراب نوشي هڪ ثقافتي ۽ سماجي رجحان بڻجي چڪي آهي، جنهن جا صحت عامه ۽ معيشت تي سنگين اثرات مرتب ٿي رهيا آهن. جيڪي اعداد وشمار هٿ آيا انهن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته يورپ هن معاملي ۾ دنيا جي ٻين خطن کان گهڻو اڳيان آهي.

## يورپ ۽ امريڪا ۾ في ڪس شراب خوشي

عالمي صحت جي اداري (WHO)جي هڪڙي رپورٽ جي مطابق يورپي خطي جا ماڻهو شراب نوشي جي معاملي ۾ سڄي دنيا جي ماڻهن کان اڳڀرا آهن، جتي هر فرد سالانہ لڳ ڀڳ 9.2 ليٽر شراب واپرائي ٿو ، اها شرح خطي ۾ شراب نوشي جي پکيڙ جي شدت ظاهر ڪري ٿي. نوجوانن ۾ اهو رجحان خاص طور تي ڳڻتي جوڳو آهي، 15 کان 19 سالن جي عمر وارن جو تعلق 46 فيصد يورپي خطي سان آهي، جڏهن تہ بر اعظم امريڪا هن فهرست ۾ 44 فيصد سان ٻئي نمبر تي آهي، هنن اعداد وشمار مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ شراب نوشيءَ جو رجحان رڳو هڪ ثقافتي روايت ناهي، بلڪ صحت عامہ جي لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي، جيڪو نوجوان نسل ۾ تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، جيتوڻيڪ روس، ترڪي ۽ يوڪرين جهڙن ملڪن ۾ ٽيڪس ۾ اضافي ۽ دستيابي ۾ گهٽتائي جي ڪري هن رجحان ۾ گهٽتائي آئي آهي، پر يورپي يونين جي رڪن ممالڪ ۾ گذريل ڏهن سالن ۾ ڪا نمايان تبديلي نظر نٿي اچي، هن مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ پاليسين جي موجودگي جي باوجود سماجي روين کي تبديل ڪرڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي.

### شراب واپرائڻ جو ذهني ۽ جسماني صحت تي اثر

شراب نوشي جو ذهني صحت جي مسئلن سان گهرو تعلق آهي، امريڪا جي هڪ تحقيقاتي ڪميٽي اهو حيران ڪندڙ انڪشاف ڪيو آهي تہ 95 فيصد ذهني مونجهارن ۾ مبتلا ماڻهو شراب جا مادي هوندا آهن، اهڙي طرح فرانس جي اسپتالن ۾ داخل ٿيڻ وارن 70 فيصد ذهني مريضن جو تعلق شراب نوشي سان هو . اهو تعلق ٻہ طرفہ آهي، هڪ طرف ڊپريشن ۽ اضطراب جهڙا نفسياتي مسئلا ماڻهن کي شراب ڏانهن مائل ٿا ڪن ۽ ٻي طرف گهڻي مقدار ۾ شراب واپرائڻ سان اهي مسئلا اڃان وڌي ٿا وڃن، جنهن سان هڪ شيطاني چڪر شروع ٿيو وڃي. شراب کي گهڻو استعمال ڪرڻ



سان خوشي جي هارمونز جي سطح گهٽجيو وڃي، جيڪا ڊپريشن جو سڌو سنئون سبب بڻجي ٿي .

هن مسئلي جا معاشي اثرات پڻ سنگين آهن، هڪ تحقيق مطابق فرانسيسي حڪومت کي سالانو 325يورو جو نقصان عدالتن اسپتالن ۽ نرسنگ هومز تي ٿيندڙ اخراجات جي سبب ٿئي ٿو، اهو نقصان شراب جي وڪري مان ٿيندڙ آمدني (53 ملين يورو) کان گهڻو وڌيڪ آهي، اهي انگ اکر ثابت ڪن ٿا تہ شراب نوشي رڳو هڪ انفرادي مسئلو ناهي، بلڪ حڪومتن تي ۽ معاشري جي مٿان هڪ وڏو بار آهي.

باب ٻيون: خانداني نظام ۾ ارتقا ۽ سماج ۾ استحڪام جو چئلينج خانداني نظام جو رواج امريڪا ۽ يورپ ۾ تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي، جنهن جا سماجي استحڪام تي گهرا اثرات مرتب ٿي رهيا آهن.

## شادي ۽ طلاق جي شرح جو تقابلي جائزو

آمريڪا ۾ شادي جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ طلاق ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي، ان جي مقابلي ۾ يورپي ملڪن ۾ اها شرح نمايان طور تي گهٽي وڌيل آهي، پرتگال ۾ 92 فيصد ۽ اسپين ۾ 85 فيصد شادين جي پڄاڻي طلاق تي ٿيندي آهي. اهي انگر اکر هن ڳالهہ جي نشاندهي ڪن ٿا تہ هنن معاشرن ۾ رسمي ازدواجي تعلق جي اهميت گهٽجي رهي آهي ۽ ذاتي آزاديءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏني ٿي وڃي. هڪ حيران ڪن تضاد اهو آهي تہ آمريڪي افراد طلاق جي شرح وڌيڪ هجڻ جي باوجود ٻيهر شاديءَ جي باري ۾ ڪافي پراميد رويو رکن ٿا. اهو رجحان هن حقيقت سان لاڳاپيل آهي تہ امريڪا ۾ شادي مالياتي تحفظ ۽ سماجي مراعات سان منسلڪ آهي، جڏهن تہ يورپ جي گهڻن ملڪن ۾ اهي مراعات ازدواجي حيثيت سان قطع نظر هر شهري کي حاصل هونديون آهن، جنهن ڪري اتي شادي جي قانوني اهميت ڪجهہ گهٽ ٿي وڃي ٿي .

## بنان شاديءَ جي گڏ رهڻ جو وڌندڙ رجحان ۽ ان جا نتيجا

امريڪا ۽ يورپ ۾ بغير شادي جي گڏ رهڻ وارن جوڙن جي تعداد ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿي رهيو آهي، تحقيق سان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي تہ هن قسم جا تعلقات ازدواجي رشتن جي مقابلي ۾ وڌيڪ غير مستحڪم هوندا آهن، بنان شاديءَ جي گڏ رهندڙ جوڙن جي درميان تعلق ختم ٿيڻ جو امڪان شادي شده جوڙن جي ڀيٽ ۾ ٻيڻو هوندو آهي.

هڪ اهم ترين نڪتو اهو آهي تہ اهي ٻار جيڪي غيرشادي شده جوڙن وٽ پيدا ٿيا هوندا آهن، انهن جي والدين جي الڳ ٿيڻ جو امڪان شادي شده جوڙن جي ٻارن جي ڀيٽ ۾ تقريبا 90 فيصد وڌيڪ هوندو آهي. خانداني نظام جو اهو عدم استحڪام ٻارن جي نفسياتي واڌ ويجهہ تي گهرو منفي اثر وجهي ٿو، ۽ ڪين ٻين سماجي مسئلن، جيئن تہ شراب نوشي ۽ ٻيون نشي جون شيون واپرائڻ جي خطري ۾ وجهي ٿو.

باب ٽيون: جنسي روين ۽ آزاد جنسي عمل جا اعداد وشمار

امريڪا ۽ يورپ ۾ جنسي روئيا سماجي ۽ ثقافتي تبديلين جو عڪس پيش ڪن ٿا، جن جو گهرو تعلق صحتِ عامہ جي ٻين مسئلن سان آهي.

## نوجوانن ۾ خطرناڪ جنسي رويا ۽ شراب جو ڪردار

شراب نوشي ۽ خطرناڪ جنسي رويا هڪٻئي کان جدا ناهن، ٻنهي جي وچ ۾ هڪ مضبوط تعلق آهي، هڪ ميٽا تجزيي مان هي ظاهر ٿيو آهي تہ شراب نوشي جو نو عمر ۽ نوجوانن ۾ ننڍي عمر ۾ جنسي تعلق جي آغاز، غير محفوظ جنسي عمل ۽ متعدد جنسي پارٽنرز رکڻ سان براہ راست تعلق آهي، هنن روين جو خطرو شراب نوشي جي سبب نمايان طور تي وڌي ٿو وڃي، ننڍي عمر ۾ جنسي تعلقات جي شروعات OR-1.958 غير محفوظ جنسي تعلقات OR-1.228۽ هڪ کان وڌيڪ جنسي پارٽنرز OR-1.722سان وابستہ آهي، اهي انگ اکر هڪ واضح نتيجو ڏيکارين ٿا،



شراب واپرائڻ سان فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت متاثر ٿئي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ غير محفوظ رويا سامهون ايندا آهن، اهو هڪ سنگين عوامي صحت جو مسئلو آهي جيڪو غير ارادي حمل ۽ جنسي طور تي منتقل ٿيڻ وارين بيمارين (S.T.D.S) ۾ اضافي جو باعث بڻجي ٿو.

## جنسي تعلقات جي پارٽنرز جي اوسط تعداد

عالمي سطح تي هڪڙي شخص جي زندگيءَ ۾ جنسي پارٽنرز جي تعداد اوسطا 9 آهي، امريڪا ۾ اها تعداد 10 کان 11 آهي، يورپي ملڪن ۾ اها تعداد مختلف آهي، فن لينڊ ۽ ناروي ۾ اها تعداد 12 کان وڌيڪ آهي، جڏهن تہ جرمني، پولينڊ ۽ بيلجيئم جهڙن ملڪن ۾ اها تعداد اوسطا 4 کان7 آهي، اهي انگ اکر ڳوڙهي ثقافتي تفريق جي نشاندهي ٿا ڪن، جتي جنسي رويا سماجي اقدار ۽ روايتن کان متاثر هندا آهن، اهو فرق عوامي صحت جي پاليسين کي علاقائي ضرورتن مطابق تشڪيل ڏيڻ جي اهميت کي ظاهر ڪن ٿا .

وسطي ۽ مشرقي يورپ ۾ هم جنس پرستي ۽ غير ازدواجي تعلقات کي اڪثر اخلاقي طور تي غلط سمجهيو ٿو وڃي، جڏهن تہ مغربي ملڪن ۾ اهي رويا قبول ڪيا ٿا وڃن، اهو تضاد هنن معاشرن ۾ جنسي روين ۽ انهن سان وابستہ مسائل کي سمجهڻ لاءِ بصيرت فراهم ڪري ٿي.

باب چوٿون: ذهني صحت جي صورتحال ۽ نفسياتي امراض جا انگ اکر .

ذهني صحت جا مسئلا . جهڙوڪ ”ڊپريشن ۽ اضطراب“ امريڪا ۽ يورپ ۾ هڪ وڌندڙ بحران آهن.

## ڊپريشن ۽ اضطراب جي وڌندڙ شرح.

امريڪا ۾ ڊپريشن جي شرح ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿيو آهي، جتي 2021 کان 2023 جي درميان 12 سالن جي عمر جي ۽ ان کان وڏي عمر جي افراد منجهان هر 8 انسانن مان هڪڙي کي ڊپريشن جي بيماري لاحق آهي،

اها تعداد گذريل ڏهن سالن ۾ ٻيڻي ٿي وئي آهي. عالمي سطح تي 5.7 فيصد بالغ افراد ڊپريشن جا شڪار آهن. ۽ هن بيمارين ۾ مردن کان وڌيڪ عورتون مبتلا آهن. معاشيات جي ماهرن جي مطابق معاشي بحران ۽ بيروزگاري امريڪا ۽ يورپ ۾ ڊپريشن ۾ اضافي جا ٻه وڏا ڪارڻ آهن. جيڪي ڪجھ ماڻهن کي خودڪشيءَ ڏانهن مائل به ڪري رهيا آهن.

## خودڪشي جا رجحانات ۽ عوامل

خود ڪشي نوجوانن ۾ (15 کان 29 سال) جي عمر ۾ موت جو سڀ کان وڏو ڪارڻ آهن. عالمي سطح تي مردن ۾ خودڪشي جي شرح خواتين جي ڀيٽ ۾ ٻيڻي کان وڌيڪ آهي. امريڪا جي مغربي علائقن ۾ آپگهات جي شرح وڌيڪ آهي، جنهن جو هڪ اهم ڪارڻ موتمار هٿيارن تائين آسان رسائي آهي. اهي انگ اکر هن حقيقت جي نشاندهي ڪن ٿا ته جيتوڻيڪ آپگهات جو ارادو ذهني صحت جي مونجهارن جي سبب هوندو آهي، پر ان جو نتيجو پاليسين ۽ هٿيارن جي دستيابي جهڙي عوامل کان به متاثر ٿيندو آهي. ذهني صحت جا مسئلا وڌڻ جي باوجود عالمي سطح تي صحت جي بجٽ جو صرف 2 فيصد ان تي خرچ ڪيو ٿو وڃي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن وڌندڙ بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ موجوده وسائل ناڪافي آهن.

باب پنجون: باهمي ربط ۽ ڪليدي بصيرت

هن رپورٽ ۾ گڏ ڪيل انگ اکر ۽ انهن جو تجزيو هڪ مربوط تصوير پيش ڪري ٿو . جتي چار ئي موضوع هڪٻئي سان جڙيل آهن. اهي روابط هنن معاشرن ۾ وڌندڙ عدم استحڪام جي نشاندهي ڪن ٿا .

خانداني عدم استحڪام جو شيطاني چڪر: خانداني نظام جو ختم ٿي وڃڻ (طلاق يا بغير شادي جي گڏ رهڻ واري تعلق جو خاتمو ) نوجوانن جي لاءِ هڪ غير مستحڪم ماحول پيدا ٿو ڪري. هن غير مستحڪم ماحول ۾ نوجوانن ۾ شراب نوشي جو رجحان وڌي ٿو وڃي. شراب نوشي نه رڳو پاڻ مسئلو آهي بلڪ هي غيرمحفوظ جنسي روين ۽ نفسياتي



مونجهارن ۾ به واڌاري جو سبب بڻجي ٿي. اهو هڪ اهڙو سلسلو آهي جتي هڪڙو مسئلو ٻئي کي جنم ٿو ڏئي ۽ هر اڳيون قدم پوئين مسئلي جي شدت کي مزيد وڌائي ٿو ڇڏي.

## معاشي ۽ سماجي عوامل جو ڪردار:

اهي نفسياتي ۽ سماجي مسئلا محض ذاتي مسئلا ناهن. معاشي بدحالي ۽ وڌندڙ بيروزگاري براه راست ڊپريشن ۽ ٻين نفسياتي بيمارين جو باعث بڻجي ٿي، اهڙي طرح خانداني نظام ۾ تبديلي، جهڙوڪ واحد والدين جي گهراڻن جو وڌندڙ تعداد غربت ۽ سماجي عدم مساوات کي فروغ ڏئي ٿي، اهو هڪ پيچيده نيٽ ورڪ آهي، جتي معاشي دٻاءُ ، سماجي نظام جي تبديلي ۽ انفرادي رويا هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿين ٿا.

پاليسين جي جوڙجڪ: هنن منجهيل معاملن کي جدا جدا حل نٿو ڪري سگهجي، صرف شراب نوشي جي مٿان پابندي جو پروگرام، يا صرف ذهني صحت جي خدمات ۾ اضافي سان هن بحران کي منهن نٿو ڏيئي سگهجي. هڪ موثر حڪمت عملي جي لاءِ هنن سمورن عوامل کي هڪ جامع نقطئہ نظر سان ڏسڻ ضروري آهي ۽ اهڙا اقدامات ڪرڻ ضروري آهن جيڪي هن شيطاني چڪر کي ٽوڙي سگهن.

## خلاصو ۽ نتيجو:

هن رپورٽ جي مرڪزي نتيجن مان واضح ٿئي ٿو ته امريڪا ۽ يورپ ۾ خانداني نظام جو رواج ڪمزور ٿي رهيو آهي، ذهني صحت جي مسئلن ۾ نمايان اضافو ٿي رهيو آهي، شراب نوشي هڪ وسيع سماجي مسئلو بڻجي چڪي آهي ۽ آزاد جنسي روين ۾ پڻ اضافو ٿي رهيو آهي. اهي سمورا رجحانات هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. خانداني استحڪام جو فقدان نوجوانن ۾ خطرناڪ روين ۽ نفسياتي مونجهارن کي فروغ ٿو ڏئي ۽ جيڪو معاشرتي ۽ معاشي دٻاءَ سان مزيد وڌي ٿا وڃن. اهي سمورا عوامل گڏجي هنن معاشرن ۾ هڪ گهري بحران جي نشاندهي ڪن ٿا.

## سفارشات

هن تجزياتي رپورٽ جي بنياد تي هيٺ ڏنل سفارشات عوامي پاليسي سازن، ماهرين صحت ۽ سماجي ڪارڪنن جي لاءِ پيش ڪيون وڃن ٿيون.

1. جامع صحت عامہ جون پاليسيون: اهڙا پروگرام مرتب ڪيا وڃن جيڪي شراب نوشي، نفسياتي بيمارين ۽ خانداني عدم استحڪام کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ مربوط طريقہ ڪار اختيار ڪن.
2. خانداني معاونت جا پروگرام: هنن خاندانن جي لاءِ قانوني مالي ۽ نفسياتي معاونت فراهم ڪئي وڃي، جيڪا طلاق جي خاتمي، يا واحد والدين جي حيثيت جي ڪري عدم استحڪام جا شڪار آهن.
3. ذهني صحت جي خدمات ۾ اضافو: قومي صحت جي بجٽ ۾ ذهني صحت جي لاءِ مختص رقم ۾ نمايان اضافو ڪيو وڃي ۽ هنن مسئلن سان متعلق سماجي بدنامي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ وسيع پيماني تي شعور اجاگر ڪيو وڃي.
4. نوجوانن جي لاءِ تعليمي پروگرام: اسڪولن ۽ ڪميونٽي مراڪز ۾ جامع ۽ مؤثر تعليمي پروگرام شروع ڪيا وڃن جيڪي جنسي صحت، ماده جي غلط استعمال ۽ صحتمند تعلقات جي باري ۾ معلومات فراهم ڪن، تہ جيئن نوجوانن کي صحتمند فيصلا ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي.



## محمد ادريس راجپوت مرحوم

محمد ادريس راجپوت صاحب انتقال ڪري ويو . انالله وانا اليه راجعون.

موصوف سنڌ حڪومت ۾ آبپاشي جي محڪمي ۾ سيڪريٽري جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو . ايڏي اهم عهدي تي فائز هجڻ جي باوجود هن ناجائز طريقي سان پيسا ڪمائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ نہ وري سندس مزاج ۾ آفيسري جي ڪري وڏماڻهپ جا جزا داخل ٿي سگهيا، اهي سندس خانداني تربيت جا اثرات هيا.

سندس سڀ کان وڏي صفت اها هئي تہ هو سٺو انسان هو ۽ سندس ڪردار ۾ رونق هئي، گفتگو ۾ نرمي غالب هئي، موجوده دور ۾ ڪنهن وڏي آفيسر ۾ اهو خوبيون اهڙيون آهن، جيڪي ديني اعتبار سان مضبوط فرد جون علامتون آهن.

سنڌ سان دريائي پاڻي جي ورهاست جي سلسلي ۾ جيڪي زيادتيون ٿينديون رهيون، سيڪريٽري جي حيثيت سان ان جو ساڻس ذاتي مشاهدو هو ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ لڳ ڀڳ ويهن سالن تائين هو اڪيلو پاڻي جي مسئلي تي سنڌ جو ڪيس وڙهندو رهيو . ان ڏس ۾ سندس مضمونن ۾ جيڪي حقيقتون ۽ اعداد وشمار هيا، اهي انتهائي مضبوط هيا، مخالف کان مخالف فرد لاءِ بہ ان کان انڪار ڪرڻ ممڪن نہ هو . انهن مضمونن جي انهي اهميت جي ڪري سندس چوڻ تي اسان پنهنجي اداري جي پاران اهي سمورا مضمون ڪتابن جي صورت ڇپرايا، لڳ ڀڳ ڏهہ ڪن ڪتاب ڇپيا، جيڪي ٽن چئن سو صفحن کان گهٽ نہ هيا، ان سلسلي ساڻس ڪافي ملاقاتيون ٿينديون رهيون، جنهن مان سندس سادگي، عاجزي ۽ ڪردار جي

رونق معلوم ٿيندي رهي، ڪتابن جي اشاعت ۽ وڪري جي سلسلي ۾ موصوف اسان سان وڏو تعاون ڪيو.

الله ڪيس اجر عظيم عطا فرمائي.

محمد ادريس راجپوت صاحب جو ديني ڪتابن جو مطالعو به سنو هو، شاه لطيف جي ڪلام ۽ ٻولي کي سمجهڻ لاءِ سخت فڪرمند هو، تصوف ڏانهن لاڙو به هوس، مون کان مراقبي جو طريقو به پڇيو هيائين.

موصوف سال کن کان وٺي بيمار هو، ڪنهن سان رابطي رکڻ کان به قاصر هو، دعا آهي ته الله تعاليٰ سندس جنت نصيب فرمائي ۽ درجات بلند فرمائي. آمين



محمد موسيٰ ڀٽو

# مغربي تهذيب ۽ اسلامي تهذيب

## (مختصر جائزو)

هن وقت دنيا ۾ ٻه تهذيبون آهن، جن سان ماڻهن جي وڏي تعداد وابسته آهي، اسلامي تهذيب آفاقي تعليمات تي مشتمل آهي، جيڪا انساني فطرت سان هم آهنگ آهي، جڏهن ته مغربي تهذيب عقل جي استعمال جي ذريعي وجود ۾ ايندڙ نظرين تي مشتمل آهي، جن ۾ نفس جي خواهشن مطابق زندگي گذارڻ تي زور آهي، اها شئي سٺي آهي جنهن سان خواهشن جي تڪميل ٿئي، ۽ هر اها شئي خراب آهي، جنهن سان خواهشن ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي.

مغربي تهذيب ٽيڪنالوجي کي ترقي ڏني، ۽ ان کي حد کان وڌيڪ اهميت ڏني، هن ٽيڪنالوجي جي ذريعي به نقصان ٿيا، هڪ ته جنسي ميلاپ جي عمل جي تمام گهڻي تشهير ٿي، جنهن سان سندن نسلون، اسڪولي ٻار، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون جنسي بيراه روي ۾ مبتلا ٿيا، جنهن سان سندن صلاحيتون تعليم کان هٽي غلط ڪمن ڏانهن ٿيڻ لڳيون، ٽيڪنالوجي جو ٻيو نقصان اهو ٿيو ته ان سان مصنوعي ذهانت جو دروازو کليو ان سان معلومات ته گهڻي حاصل ٿي، پر انساني ذهانت بحران پيدا ٿيو ان جو سبب اهو آهي ته ماڻهن کي هر موضوع تي تيار شده مواد ملڻ لڳو ته پوءِ هو غور وفڪر ۽ تحقيق کان ڪم ڇو وٺن؟، انساني ذهانت سان مغرب وارن جيڪا ترقي ڪئي هئي، مصنوعي ذهانت ترقي جي هن عمل کي روڪڻ جو ڪردار ادا ڪيو، خواهشات نفس ۽ ٽيڪنالوجي جي گهڻي استعمال مغرب کي زوال سان دوچار ڪيو.

اسلامي تهذيب ۾ چڱائي ۽ نيڪيءَ جو معيار نفساني خواهشن کي ڪنٽرول ڪري الله ۽ رسول جي اطاعت ۾ آڻي، انسان کي انسانيت جي سليقي سان بهره ور ڪرڻ آهي، برائي اها آهي جنهن سان نفساني خواهشن جي تڪميل ٿئي، ۽ انساني وقار جي منافي سرگرميون ٿين.

هن دور ۾ انساني خوبيون ماڻهن ۾ نالي ماتر وڃي بچيون آهن. ان جو سبب مغربي تهذيب کان متاثر ٿيڻ آهي، اسلامي تهذيب کي پوري طرح ڪم ڪرڻ جو موقعو ان ڪري نه ملي سگهيو جو مغرب جي تعليمي عسڪري ۽ مالياتي بالادستي مسلم ممالڪ جي موثر طبقن کي مغرب جي ذهني غلاميءَ جي حالت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هنن مسلمان ملڪن ۾ اسلامي تهذيب کي نه صرف فروغ ٿيڻ نه ڏنو. بلڪ هنن رياستي وسائل کي مغربي تهذيب جي برتري جي مقصد جي لاءِ استعمال ڪيو . ايئن هنن اسلام ۽ اسلاميت جي انحراف جي واٽ اختيار ڪئي، ايئن هنن اسلام جهڙي روشن تهذيب کان دنيا کي محروم رکيو. مغرب پوري طرح زوال کان ان ڪري بچيل آهي، جو ان ۾ ڪجهه خوبيون ڪنهن حد تائين موجود آهن، عدليه جي آزادي، روزگار جي ضمانت، وقت ۽ وعدي جي پابندي، ڪاروباري، سياسي ۽ قومي اخلاق، دنيا جي باصلاحيت ۽ علوم ۽ فنون جي ماهر افراد کي پنهنجي ملڪن ۾ آباد ڪري، انهن جي صلاحيتن مان فائدو حاصل ڪرڻ، وغيره، وغيره .

## مغرب ۾ آباد مسلمانن جا حالات

مغرب ۾ مسلمانن جي منتقلي جو سلسلو ڳچ عرصي کان جاري آهي، اڻ ڳڻت مسلمان آهن، جيڪي هتي مستقل طور تي آباد آهن. اڃان به اهو سلسلو جاري آهي. مغربي تهذيب اسلام سان متصادم ۽ نفس پرستيءَ تي مبني تهذيب آهي، مغرب ۾ هن تهذيب جون طوفاني لهرون شدت سان ماڻهن کي ٻوڙي غرق ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل آهن. اهڙي تهذيب جي مرڪز ۾



وڃي آباد ٿيڻ، اهو پاڻ کي ۽ پنهنجي نسلن جي ايمان کي خطري ۾ وجهڻ جي مترادف آهي.

پنهنجو ملڪ ڇڏي مغربي ملڪن ڏانهن لڏي وڃي مستقل طور تي آباد ٿيڻ جي روش، پنهنجي ملڪي حالتن کان مايوسي ۽ بيزاريءَ جو نتيجو هجي يا روزگار ۽ معاشي خوشحالي جي حصول جي خواهش جو نتيجو هجي، اسلامي نقطئہ نگاه سان ان جي ڪا گنجائش پيدا نٿي ٿئي. قرآن ۾ سورت النساء ۾ آهي.

"جيڪي شخص پنهنجي جانن تي ظلم ڪن ٿا جڏهن ملائڪ انهن جي جان قبض ڪن ٿا ته انهن کان پڇن ٿا ته توهين ڪهڙي حالت ۾ هيا، هو چون ٿا اسان ملڪ ۾ ڪمزور هياسين ملائڪ کين چون ٿا ته ڇا الله جي زمين وسيع نه هئي جو توهان هجرت ڪريو ها.

اهڙن فردن جي رهائش جهنم آهي ۽ اها خراب جاء آهي. (سورت النساء آيت 97)

مغرب ۾ آباد ٿيندڙ مسلمانن سان سڀ کان وڏو جيڪو معاملو ٿئي ٿو، اهو هي آهي ته هو پاڻ ته ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ماديت جي طوفان کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، پر سندن اولاد مادي تهذيب جو حصو بڻجي گمراه ٿي وڃي ٿي، ماديت پرست معاشري ۾ فطري آزاديءَ تي ايڏو زور ڏنو وڃي ٿو جو مسلمانن جون پنهنجون شاديون ناڪام ٿيو وڃن، ۽ سندن اولاد هنن کان باغي ٿي وڃي ٿي، نوي فيصد مسلمانن سان اهي حالتون پيش اچن ٿيون، باقي ڏهه فيصد خوشنصيب افراد پنهنجي ايمان جي مضبوطي ۽ الله جي خاص فضل سان بچي ٿا وڃن.

آمريڪا مان مسلمانن جي تنظيم جو هڪڙو سربراه گذريل ڏينهن ڪراچي آيو هو، هن هڪڙي تقريب ۾ هُتي جي مسلمانن جا حالات بيان ڪندي ٻڌايو ته هُتي مسلمانن جي اسلاميت کي سخت خطرو درپيش آهي، پهرين ته رمضان شريف ۾ تراويح پڙهائڻ جي لاءِ مسلمان ملڪن مان حفاظ گهرايا ويندا هئا، هاڻي هتي حافظ ته ڪافي تعداد ۾ موجود آهن، پر مقتدي

نٿا ملن. مقتدي بہ شايد ٻاهران گهرائڻا پون. سبب اهو آهي تہ ماديت پرستيءَ جي ماحول نئين نسل جي ديني ۽ مذهبي حالت کي بگاڙيو، انهن کي ماده پرست بڻايو آهي. مسلمانن جي تنظيم جي ذميدار هڪڙو واقعو ٻڌايو تہ اسان آمريڪا جي هڪ شهر ۾ مسلمانن جا حالات معلوم ڪرڻ ويا سين تہ اسان کي هڪڙو هوٽل نظر آيو. جنهن تي مسلمانن جو نالو لکيل هو. اسان هوٽل ۾ اندر ويا سين. مالڪ سان مليا سين تہ هن ٻڌايو تہ اسان جو پيءُ ڏاڏو مسلمان هو. مون کي ۽ منهنجي ڀائرن کي اسلام ۽ مسلمانيت جي باري ۾ ڪا خبر ناهي. تہ اسلام جا ڇا تقاضا آهن ۽ ڪهڙا عمل نہ ڪرڻ تي انسان اسلام جي دائري مان خارج ٿيو وڃي. اسان کي تہ بس مسلمانن جا نالا ورثي ۾ مليا آهن.

ڏٺو ويو آهي تہ ڪجهہ ڏسڻا وائسڻا ديندار ماڻهو جيڪي هتي معاشي طور تي مستحڪم هئا، اهي بہ پنهنجي سڄي جائداد وڪڻي، پنهنجي ٻارن سميت مغربي ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا. اڻ ڳڻت اهڙا خاندان آهن جيڪي پرڏيهہ منتقل ٿيڻ کي پنهنجي ڪاميابيءَ جي ضمانت ٿا سمجهن.

اها ڳڻتيءَ جهڙي صورتحال آهي. جيڪا پيدا ٿي وئي آهي. ديندار افراد ۾ آمريڪا ۽ يورپ جي لاءِ ايڏي ڪشش سمجهہ ۾ نٿي اچي. مغرب ۾ آباد ٿيندڙ خاندانن جي نئين نسل جو اسلام تي قائم نہ رهڻ جو خطرو اهڙو آهي. جنهن کي ڏسي هُتي آباد مسلمانن کي اکيون بند ڪري پنهنجي ملڪن ۾ واپس اچڻ کپي. اڄ کان تقريبا پنجاه سال اڳ "مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي" يورپ جو دورو ڪندي هتي جي مسلمانن کي فرمايو هو تہ "جيئن تہ هتي مسلمانن جي نسلن جو بنيادي ايمان ئي خطري ۾ آهي تنهن ڪري انهن کي پنهنجي ملڪن ۾ واپس اچڻ گهرجي. چاهي هنن کي پنهنجي ملڪن ۾ حقير نوڪري ئي ڇو نہ ڪرڻي پوي."

هڪ عالم رباني جي طرفان مسلمانن کي بر وقت تنبيهہ ڪئي وئي. الله ڪري مغرب ۾ آباديءَ کي پنهنجي ڪاميابي سمجهڻ وارا مسلمان هاڻي بہ ان تي غور ڪن.



حافظ محمد موسيٰ ڀٽو

# مغربي تهذيب سان وابستہ ماڻهن جون ڪجهہ خوبيون

اها حقيقت آهي تہ ڪا بہ تهذيب خرابين جو مجموعو ناهي هوندي، ان ۾ مثبت ۽ صحتمند پهلو بہ موجود هوندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن تهذيب ۾ مثبت پهلو موجود نہ هجن تہ اها مٽجي ٿي وڃي، ان کي زنده رهڻ جو حق نٿو هجي، اهو ئي معاملو مغربي تهذيب سان آهي، جو هو اڄان تائين زنده آهي ۽ مختلف پاسن کان بظاهر ترقي ڪري رهي آهي. مغربي تهذيب جون اهي خوبيون جن هن کي زنده رکيو آهي، اهي ڪجهہ هن طرح آهن. نظام تعليم جي ذريعي پنهنجي قوم سان وابستہ افراد جي تربيت اهڙي طرح ٿيون ڪن جو هو مادي طور تي عروج ۽ زوال جي اصولن کان واقف ٿي ويندا آهن. ۽ پوءِ هو سڄي حياتي انهن اصولن جي پابنديءَ لاءِ ڪوشان رهن ٿا.

هو ملڪ ۽ قوم کي نقصان پهچائڻ کان بچڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا، ملڪ سان آخري حد تائين محبت ڪن ٿا. اسان وٽ ماڻهو ملڪ کان بدظن ٿي مغربي ملڪن ۾ آباد ٿيڻ کي پنهنجي خوش نصيبي سمجهن ٿا، جڏهن تہ مغربي تهذيب سان وابستہ افراد پنهنجي ملڪ مان ٻين ملڪن ۾ منتقل ٿيڻ جو سوچي بہ نٿا سگهن.

مغربي ممالڪ ۾ اتي جي مختلف شعبن جا عهدا رکڻ وارا افراد قومي خدمت جي ڪمن کي خوشيءَ سان انجام ڏيندا آهن. معمولي ڪمن جي لاءِ ماڻهن کان رشوت وٺڻ جي لاءِ آفيس جي رڪاوٽن جو بهانو ڪري ماڻهن کي سالن تائين پريشان نٿا ڪن. هو انتهائي مستعد نموني پنهنجون ذميواريون ادا ڪندي ماڻهن جا مسئلا حل ڪندا آهن.

مغربي ملڪن ۾ عدليہ آزاد هوندي آهي، ڪو دٻاءُ قبول نٿي ڪري ۽ نہ ئي رشوت تي وٺي، سڀ کان وڏي ڳالهہ اها آهي تہ عدالت مان آيل وڏا وڏا فيصلا سال ٻن جي اندر اندر طئي ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ اسان وڏيڪ حيران هن ڳالهہ تي آهيون جو اسان جي هن اسلامي مملڪت ۾ ماڻهن جي عمر ڳري ٿي وڃي، پر فيصلا نٿا ٿين. اهي ويچارا انصاف جي انتظار ۾ سالن جا سال عدالت ۾ پيش ٿيندا رهن ٿا، پوليس جي شعبي جو پڻ ساڳيو حال آهي.

مغربي ملڪن ۾ دفتري اوقات ۾ ماڻهو پابند هوندا آهن تہ هو رڳو دفتري ڪم سرانجام ڏين، ان کي هو پنهنجي اخلاقي ذميداري سمجهن ٿا، جڏهن تہ اسان وٽ آفيس جي اوقات ۾ ماڻهو ڳالهين ۽ ملاقاتين ۾ وقت ضايع ڪندا آهن.

جتي جا ماڻهو وقت جي پابندي ڪندا آهن، وعدي خلافي ناهن ڪندا، هڙتاڙو مهانگائي وڌائڻ جي ڪوشش ناهن ڪندا، هنن وٽ فلاحي سسٽم موجود آهي جنهن جي ذريعي ماڻهن جي روزيءَ جو انتظام ٿيندو آهي ۽ هر شهري جي بيماريءَ جو مفت علاج ٿيندو آهي، علاج تي چاهي لکين رپيا خرچ ٿين، اهي حڪومت جي ذمي هوندا آهن، مريض جي بيماريءَ جي نوعيت جيڪڏهن ڪجهہ سنگين آهي تہ ان جي گهر تي 24 ڪلاڪ سرڪاري گاڏي بيٺي هوندي، جيڪا هنگامي حالتن ۾ ان کي اسپتال پهچائي ٿي .

هي ۽ هن قسم جون ڪجهہ ٻيون خوبيون مغربي تهذيب سان وابستہ افراد ۾ اهڙيون هونديون آهن، جنهن هنن قومن کي اجان تائين زنده رکيو آهن ۽ انهن جي لاءِ ترقي جو ذريعو بہ آهن .

هنن وٽ پاڪيزه اخلاقيات تي مبني نظام ڪونهي، پر قومي اخلاق ۽ پاڪيزه اخلاق موجود آهي، جنهن جا هو فائدا حاصل ڪري رهيا آهن.



آمنہ حامد زبيدي

# مرڻ کان پوءِ ڪجهہ تاثرات

”جي وري ٻيهر حياتي ملي تہ منهنجي لاءِ رڳو ٿي، چار منٽ بہ گهڻا آهن.“

مون کي مئي ٿوري دير گذري هئي، پر يقين ئي نہ پيو اچي تہ آئون بہ ڪڏهن مري سگهان ٿو . منهنجي پاسي واري قبر ۾ هڪ تمام سهڻو جوان دفن ٿيل هو . مون هن کان پڇيو تہ تو ڪڏهن سگريٽ پيتو؟ هن انڪار ڪيو . ڪو نشو واپرايو؟ بلڪل نہ . ڪڏهن تيز ڊرائيونگ ڪئي؟ ڪڏهن بہ نہ . ماڻهن سان جهيڙو جهڳڙو ڪندو هئين يا خطرناڪ جهنگ ۾ اڪيلو گهمندو هئين؟ بلڪل بہ نہ . پوءِ تون ڪيئن مري وئين تنهنجي تہ عمر بہ ايڏي وڏي نٿي لڳي؟ ”هن چيو ها آئون 32 سالن جو آهيان ۽ مون زندگي ۾ ڪو غلط ڪم ڪڏهن بہ ناهي ڪيو . پاڻ حيران آهيان تہ آئون ايئن ڪيئن مري ٿو سگهان، بس لائونج ۾ ويٺي ٽي وي ڏٺم . اوچتو ئي دل ۾ سور پيو . مون چانهہ جو مگ ٽيبل تي رکيو ۽ جهڪي ٻيٺو ٿي ويس وري سڌو نہ ٿي سگهيسم ۽ مري ويس.“

تنهنجي هن وقت سڀ کان وڏي خواهش ڪهڙي آهي؟ بس ڪجهہ منٽن جي حياتي ٻيهر ملي وڃي تہ جيڪر آئون پنهنجي ناراض پيءُ کي پرچائي وٺان، زال سان بدتميزي ڪندو هوس، ٻارن سان پيار ۽ شفقت جو اظهار نہ ڪندو هوس، نوڪرن کي ڪڏهن بہ وقت تي پگهار نہ ڏيندو هوس، پنهنجي گهر ۾ گلاب جا ٻوٽا مون لڳايا هئا، ڪڏهن فرصت سان ان جي پاسي ۾ ويهڻ جو موقعو نہ مليو . مون سدائين پنهنجي جسم ۽ جوانيءَ تي فخر ۽ غرور ڪيو ۽ الله جي ڪبريائيءَ جو احساس نہ ڪيو . هاڻي آئون ٿوري دير جي لاءِ واپس وڃي سڀني کان معافي گهرڻ ٿو چاهيان، بہ منٽ

گلاب جي ٻوٽن جي پاسي ۾ ويهي گلن جي خوشبو محسوس ڪرڻ ٿو چاهيان“ اهو ٻڌي اداس ٿي ويس، ايتري ۾ ٻي قبر مان هڪڙو ايگزيڪٽو قسم جو سيريس مردو اسان جون ڳالهيون ٻڌي اٿي ويٺو . ان جي منهن تي هڪ ڪامياب بزنس مين جو اعتماد هو . مون ڪانئس پڇيو تون ٻه مري وئين؟ هن افسوس سان ڪنڌ لوڏيو ۽ چيو . آئون ٻه هن ڳالهه تي حيران آهيان، آئون ته دنيا جا بهترين ڊاڪٽر اعليٰ ترين اسپتال ۽ مهانگيون ترين دوائون افورڊ ڪري پئي سگهيس.

مون دنيا جي خطرناڪ ۽ موتمار بيمارين کان بچاء لاءِ ويڪسين ٻه لڳرائي رکيون هيون، آئون امريڪا ۽ يورپ جي مهانگين ليبارٽرين مان هر ڇئن مهينن کانپوءِ پنهنجو ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائيندو هوس، واڪ ۽ ورزش جو ٻه معمول هو . ڊائيٽ پلان مطابق کاڌو کائيندو هوس، هفتي ۾ هڪ پيرو فل باڊي مساج ۽ هفتي ۾ هڪ پيرو اسٽيم باٿ وٺندو هوس، آئون ڪم جو اسٽريس ٻه نه کڻندو هوس . هميشه بليٽ پروف گاڏي ۽ ذاتي جهاز ۾ سفر ڪيم، مون وٽ پنج هزار نوڪر هئا، اهي منهنجو سمورو اسٽريس کڻندا هئا مون کي ڪا ڳڻتي نه هئي، آئون صرف عيش ڪندو هوس، پر پوءِ مون کي کنگهه آئي، آئون هيٺ جهڪيس ۽ فرش تي ڪريس ۽ مري ويس، تڏهن کان اهو پيو سوچيان ته آئون ڪيئن ٿو مري سگهان؟ مون ته مرڻ جي باري ۾ ڪڏهن سوچيو ئي نه هو.“

مون هن کان پڇيو ته هاڻي تنهنجي ڇا خواهش آهي؟ هن ترت جواب ڏنو ته ”بس ڪجهه منٽن جي زندگي ملي وڃي ته آئون پنهنجي سموري دولت ڪنهن مدرسي يا ٽرسٽ جي حوالي ڪري ڇڏيان، آئون هن مان ڪو اسلامي ادارو يا فري ميڊيڪل ڪاليج، ملڪ جي وڏي ٿيلسميا اسپتال يا وري ملڪ جي وڏي سائنس يونيورسٽي ٺاهڻ جو حڪم ڏيئي واپس اچي ويندس.“ اجان هن جي ڳالهه جاري هئي ته ايتري ۾ ٽيون مرده شخص اٿي ويٺو . هو شڪل صورت مان ڪو سياستدان ٿي لڳو . سندس منهن تي



مڪاري موجود هئي، مون هن کان پڇيو ”سائين توهان ٻه فوت ٿي ويا؟“ هن ڏک ۾ ٻڏل آواز ۾ وراڻيو . ”ها ۽ آئون هن ڳالهه تي حيران آهيان ۽ سوچيان پيو ته آئون ڪيئن ٿو مري سگهان . آئون ته اهو شخص هوس جنهن جي هڪڙي نعري تي ماڻهو سر ڏيندا هئا، منهنجي گرفتاري ۽ قيد جو ٻڌي ماڻهو پاڻ کي ساڙيندا هئا، منهنجي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ بجليءَ جي ٿنڀي تي چڙهي ويندا هئا، آئون بليٽ پروف گاڏيءَ ۾ سفر ڪندو هوس، تقريرون ٻه بليٽ پروف ڪيبن ۾ شيشي جي پويان بيهي ڪندو هوس، تيستائين ڪا شئي نه کائيندو هوس، جيستائين منهنجو ڊاڪٽر ان جي تصديق نه ڪندو هو .

آئون هر مهيني عمري جي ادائيگيءَ لاءِ ويندو هوس، ۽ هر هفتي ٻه لک رپيا خيرات ڪندو هوس، پر اڄ اوچتو منهنجي مٿي ۾ سور ٿيو . چڪرائجي ڪري پيس ۽ مري ويس.“ مون هن کان ٻه اهو سوال پڇيو ته توهان جي سڀ کان وڏي خواهش ڪهڙي آهي؟. ”صرف ڪجهه منٽن جي زندگي“ هن کلي جواب ڏنو . آئون دنيا جي سڀني سياستدانن کي اهو پيغام ڏيڻ ٿو چاهيان ته توهان موت کان نٿا بچي سگهو . پنهنجي ۽ عوام جي وچ مان بليٽ پروف شيشا هٽائي ڇڏيو . خدمت ۽ تبديلي اها آهي جنهن کي توهان اڄ آٽي ڏيکاريو، سياڻي جي ڪوڙن آسرن تي عوام کي نه ٽاريو . جيڪڏهن توهان خادم آهيو ته خدمت ڪري ڏيکاريو، ٺلها نعرا نه لڳايو.“

اجان هن جي ڳالهه جاري هئي ته ايتري ۾ هڪ مولويءَ صاحب جو مردو اٿي ويٺو . جنهن جي پيشانيءَ تي زهد ۽ تقويٰ جي محراب ٺهيل هئي، هنجو ڪنڌ عجز ۽ انڪساريءَ جيڪري جهڪيل هو، مون ڪانئس پڇيو ”حضور اوهان ٻه مري ويا؟“ آئون ٻه هن تي حيران آهيان، مون زندگيءَ ۾ سوين جنازا پڙهايا آهن هن جواب ڏنو . آئون پنهنجي هر تقرير ۾ موت، ميدان حشر ۽ حساب ڪتاب جو ذڪر ڪندو هوس پر ان جي باوجود ايڏو جلدي مرڻ جو ته مون سوچيو ئي نه هو . مون کي الائي ڇو يقين هو ته وڏي حياتي ماڻيندس،

موت جو فرشتو ايترو جلد ڪونہ ايندو پر ٿيو ان جي ابتڙ ، مسجد مان نماز پڙهي ٻاهر نڪتس تہ دل جي دوري جي ڪري روح پرواز ڪري ويو.“ هن کان بہ مون ساڳيو سوال پڇيو تہ هاڻي ڪهڙي وڏي خواهش آهي توهان جي؟ مون کي بس بہ ٽي منٽن جي زندگي ملي وڃي تہ آئون جيڪر دنيا وارن کي ٻڌايان تہ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جن جي اطاعت ۾ زندگي گذارين، حقوق العباد ادا ڪن، جنهن جي بہ حق تلفي ڪئي آهي ان کان معافي گهرن، قرآن سمجهي پڙهن، الله جي اڳيان پنهنجي ڏوهن تي توبهہ تائب ٿين ۽ پنهنجي زندگيءَ کي رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سنتن سان سنوارين عالم بي عمل جيان زندگي ضايع نہ ڪن.

اڪثر ماڻهو چوندا آهن تہ ”هڪ دفعو ٻارن جون ذميداريون ختم ٿين تہ پوءِ نماز پابنديءَ سان پڙهندس، فلاڻا فلاڻا نيڪيءَ جا ڪم ڪندس، الله جي مخلوق جي خدمت ڪندس، اها سوچ صحيح ناهي، ڇو تہ زندگي جو ڀروسو ڪونهي، موت جي اوچتي اچڻ تائين بہ ڪم ڪونہ ڪندا. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ: مرڻ کان پوءِ جڏهن ڏوهارين کي پنهنجي رب جي اڳيان جهڪيل ڏسندين تہ هو چوندا هوندا اي اسان جا رب! اسان ڏسي ورتو ۽ ٻڌي ورتو ، اسان کي واپس (دنيا ۾) موڪل تہ نيڪ عمل ڪريون هاڻي اسان کي يقين اچي ويو.



آمنہ حامد زبيدي

## زندگيءَ جي حقيقت

دنيا ۾ ٽي جايون اهڙيون آهن، جتي وڃي توهان زندگيءَ جي اصل حقيقت کي سمجهي سگهندو، اسان ڪير آهيون، اسان جي ڇا اوقات آهي، اسان جون حسرتون، اسان جون خواهشون ۽ اسان جي معاشرتي، معاشي ۽ سماجي حيثيت ڪهڙي آهي، اسان جي نفرتن، رقابتن ۽ دشمنين جي اصل حقيقت ڇا آهي؟

توهان مهيني ۾ هڪڙو دفعو هنن جاين تي وڃي چڪر هڻي ايندا ڪريو ، توهان کي پنهنجي ظاهر ۽ باطن جي اوقات سمجهہ ۾ اچي ويندي، اهي ٽي جايون آهن قبرستان، اسپتال ۽ جيل. ڪنهن ڏينهن توهان پنهنجو سڀ کان قيمتي لباس ۽ جوتا پائي، خوشبو هڻي، پنهنجي مهانگي گاڏيءَ ۾ ويهي شهر جي سڀ کان وڏي قبرستان ڏانهن هليا وڃو، توهان هڪڙي ڪنڊ کان وٺي ٻي ڪنڊ تائين قبرن تي لڳل ڪتبن جي عبارت پڙهندا وڃو ، توهان کي محسوس ٿيندو تہ هنن قبرن ۾ سُتل ماڻهو عزت، شهرت ۽ مالي حيثيت ۾ توهان کان گهڻو اڳيان هئا، هو توهان جي لباس کان وڌيڪ مهانگا لباس استعمال ڪندا هئا، وڏن پر آسائش بنگلن ۾ رهندا هئا، توهان جي گاڏيءَ کان وڌيڪ مهانگي گاڏين ۾ سفر ڪندا هئا، پر اڄ هو مٽيءَ ۾ ملي مٽي ٿي ويا آهن، انجام ڪار هنن کي چند گز ڪفن جو ڪپڙو ۽ بہ گز زمين جي ٽڪري ۾ دفن ٿيڻ نصيب ٿيو ، هاڻي هنن جي واحد سڃاڻپ قبر جو هي ڪتبو آهي.

توهان کي محسوس ٿيندو تہ رتبي، تڪبر ۽ اختيار ۾ بہ هي توهان کان گهڻو اڳيان هئا، هنن جي هڪڙي حڪم تي وڏا وڏا فيصلا ٿيندا هئا، هن زمين، هن ملڪ جي سسٽم جي لاءِ ڪين اهم سمجهيو ويندو هو ، پر پوءِ ٿيو ڇا ؟، هڪڙو ساهہ هنن جي ڦڦڙن مان نڪتو ۽ واپس ورڻ جو رستو ڀلجي

ويو. ان کان پوءِ اهي زندگيءَ ۾ اهم حيثيت رکڻ وارا ماڻهو ٻين جي ڪلهن تي سفر ڪندي هتي اچي پهتا ۽ "زندگي" انهن کي وساري واپس موٽي وئي ايئن هنن جو اختيار، عهدو ،اهميت ۽ تڪبر هن ٻن فٽن جي ڪٽبي ۾ قيد ٿي ويا.

هاڻي قبرستان جي ڪنهن پراڻي قبر جي سيرانديءَ کان ويهي پنهنجي اوسي پاسي نظر وجهو ۽ پنهنجو پاڻ کان سوال پڇو ته "موت لاءِ ڪيترو وقت باقي بچيو آهي؟" هن سوال جي جواب ۾ توهان کي اونده ، ماٺ ۽ بيوسيءَ کان سواءِ ڪجهه به نه ملندو .

اهڙي طرح توهان ڪڏهن ڪڏهن وقت ڪڍي اسپتالن جو به چڪر هڻي ايندا ڪريو . توهان کي اتي پاڻ جهڙا هزارين ماڻهو نظر ايندا . اهي ماڻهو به ڪجهه ڏينهن اڳ توهان جيان زندگيءَ سان ڀرپور ڊوڙندا، ڀڄندا، کلندا ۽ کيڏندا هئا، پنهنجي گهرن ۾ بيفڪريءَ سان زندگي گذاريندا هئا، مطمئن هئا ته ڪين ڪڏهن ڪا تڪليف نه پهچندي .

توهان وانگر اهي به سمجهندا هئا ته هو زمين تي زور سان پير هڻندا ته زمين مان تيل جا چشما ڦٽي نڪرندا، هو هميشه تندرست ۽ توانا رهندا، هنن کي اهو به گمان هو ته ڪين ڪو وائرس ۽ ڪو جراثيم اثر نه ڪندو ، ڪابه شئي هنن کي نقصان نه پهچائيندي، پر پوءِ هڪڙي ڏينهن حياتي هنن تي بار بڻجي وئي، هنن جا هٿ پير، اکيون ڪن، دل ۽ جگر جواب ڏيئي ويا، ٻڪيون ۽ دماغ دغا ڏيئي ويا ۽ هنن کي پنهنجي گرم بستر ۽ ايئرڪنڊيشند ڪمرن مان نڪري اسپتال جي بدبو دار ڪوريڊور ۾ اچڻو پيو .

ڪنهن مهانگي پرائيويٽ اسپتال جي پرائيويٽ وارڊ جو چڪر ضرور هڻندا ڪريو . اتي توهان کي اهڙا ماڻهو ملندا جيڪي مهانگا ڊاڪٽر ۽ قيمتي ترين دوائون افورڊ ڪري سگهندا هئا، پر اڄ بيوسيءَ جي حالت ۾ مريض بيڊ تي نظر ايندا، ڇو جو پئسن سان دوائون ته خريد ڪري سگهجن



ٿيون، پر شفا خريد نٿي ڪري سگهجي ۽ هاڻي اهي مريض قدرت جي هن قانون جا قيدي بڻجي لاچاريءَ جي حالت ۾ ڊاڪٽرن جي آسري تي اسپتالن ۾ پيا آهن. توهان مريضن کي ڏسو ۽ پنهنجو پاڻ کي ڏسو ۽ دل سان الله جا شڪرانا ادا ڪريو . جنهن توهان کي هن مهل تائين ڪنهن ٻُري بيماريءَ کان بچايو آهي، صحت جي هن مهلت کي مثبت طريقي سان استعمال ڪريو .

توهان ڪڏهن ٽائيم ڪڍي جيلن جو به چڪر هڻندا ڪريو . اتي توهان کي سوين، هزارين اهڙا ماڻهو نظر ايندا، جيڪي توهان وانگر آزاد زندگي گذاريندا هئا، شاندار گهرن ۾ بيفڪريءَ سان رهندا هئا، روز جون دعوتون سندن معمول هو، رات جو ٽين بجي به ڪافي پيئڻ لاءِ نڪري ويندا هئا، هي سياري جون ٿڌيون راتيون نرم ۽ گرم بستر ۾ گذاريندا هئا، گرميءَ جي موسم ۾ پر فضا مقام تي ڪجهه عرصو گذارڻ سندن معمولات ۾ شامل هو، پر ٿيو ايئن جو هڪ ڏينهن ڪنهن ڪمزور لمحي جي گرفت ۾ اچي ويا، ڪنهن حيواني جذبي هنن کي گمراه ڪيو يا ڪنهن عيش ۾، يا طيش ۾ يا وري ڪنهن خوف ۾ مبتلا ٿي هنن کان ڪا اهڙي غلطي سرزد ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ هي قيد ڪاٽڻ تي مجبور آهن.

توهان موت جي سزا وارن ڏوهارين سان به ضرور ملو، جيڪي جيل ۾ پنهنجي موت جا منتظر آهن، توهان کي انهن سان ملي محسوس ٿيندو ته آزادي ڪيڏي وڏي نعمت آهي، اسان ماڻهو پنهنجي انا جي تسڪين لاءِ، يا وري رقابت جي جذبي کان مغلوب ٿي ڪري، يا ٻين کان پنهنجي مان کي مٿانهون ڏيکارڻ لاءِ، يا پنهنجي دولت ۽ طاقت جي زعم ۾ اچي اهڙي غلطيءَ جا مرتڪب ٿي ويندا آهيون، جو پڇتائڻ مان به ڪجهه ناهي ورندو، الله کان معافي گهرندي رات کي ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن کي رات ۾ بدلجندي ڏسون ٿا پر اسان جي سزا ختم نٿي ٿئي. هاڻي هنن قيدين کي ڏسو جن کي هن جيل ۾ رهندي ورهه گذري ويا آهن، هنن جا پير آزاديءَ سان وک کڻڻ لاءِ سڪن ٿا،

جيل جي اندران ٻيهي پنهنجي پيارن کي حسرت سان ڏسن ٿا، پنهنجي ٻارن جي مٿي تي هٿ به نٿا ڦيرائي سگهن، هنن جي اکين ۾ اوجاڳا نظر ايندا، جيڪي هنن کي پنهنجي غلطي ۽ ڪوتاهيءَ جي ڪري نصيب ٿيا آهن.

توهان هنن قيدين کي ڏسو ۽ پنهنجو پاڻ تي نظر وجهو . ۽ پوءِ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪريو ته هن توهان کي مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ کان اجان تائين محفوظ رکيو آهي، زندگيءَ ۾ ڪيئي ڪمزور لمحا اهڙا آيا هوندا جو ماڻهو لالچ جي جذبي کان مغلوب ٿي وڃي، پرائي مال کي پنهنجو ڪرڻ جي خواهش دل ۾ دنگ ڪيو هجي، ڪڏهن غرور ۽ تڪبر جي جذبي جي تحت جبل تي جاءِ جوڙائڻ جو سوچيو هجي. غيرت ۽ رقابت جي ڪري ڪنهن جي حياتي ختم ڪرڻ جو خيال دل ۾ جاڳيو هجي، ڪڏهن ايئن به ٿيو هوندو جو ٻين جون نعمتون ڏسي ريس ۽ حسد جي جذبي کان مغلوب ٿي، دل ۾ انهن کي نعمتن کان محروم ڪرڻ جي سازش سٽڻ جي خواهش جاڳي هجي.

پر اوچتو ئي ڪو نظر نه ايندڙ هٿ توهان کي غلط ڪم کان روڪي ٿو ڇڏي، ڪنهن دوست جي ڪيل نصيحت ان وقت ياد اچي ٿي وڃي بروقت نيڪ والدين جي تربيت ڪم اچيو وڃي، اهو سڀ الله جو رحم ۽ ڪرم نوازي آهي جو توهان کي غلطين، گناهن جي باوجود ، ڪورٽ ڪچهري ۽ گواهن، ثبوتن کان بچائي ٿي وٺي، پر توهان هن کي پنهنجي عقلمندي جو ڪمال ۽ ڪامياب منصوبه بنديءَ جو نتيجو ٿا سمجهو، اها سوچ غلط آهي.

توهان اسپتالن ۽ جيلن ۾ اهڙا معصوم ۽ شريف ماڻهو به ڏٺا هوندا، جيڪي ڪڏهن ڪو اصول ۽ ضابطو نه ٽوڙيندا هئا، ڪنهن سان تکو نه ڳالهائيندا هئا، کائڻ پيئڻ ۾ به گهڻو احتياط ڪندا هئا، پر ڪنهن ڪمزور پل جي گرفت ۾ اچي ويا، اها زندگي جي حقيقت آهي.





محمد موسيٰ ڀٽو
عبدالغني دايو

# نفس جي سڌاري جو طريقو

## ۽ زندگيءَ جو دستور العمل

### پبلڪ اسڪولن جي ٻارن لاءِ سٺي تربيت جي صورت

سڄي ملڪ ۾ ٻارن جي تعليم لاءِ پبلڪ اسڪول جي نالي سان اسڪول قائم ٿي رهيا آهن، انهن اسڪولن جي بانين ۾ ڪوڙ سارا اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي ڪنهن حد تائين ديندار پڻ آهن، انهن کي جيڪڏهن هي نڪتو سمجهه ۾ اچي وڃي ته ٻارن جي ڀلي تربيت جو مسئلو ملت ۽ انهن جي پنهنجي سڄي زندگيءَ جي سڌاري ۽ ڀلائيءَ جو خاص مسئلو آهي ته اهي ٻارن جي تربيت واري ڪم کي اهميت ڏئي سگهن ٿا. انهن اسڪولن ۾ جيڪڏهن ٻارن کي نماز پڙهڻ سيکاري وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ اسڪول ۾ ٻيپهريءَ جي نماز جو اهتمام ڪيو وڃي ته انشاء الله اها عادت آخر وقت تائين قائم رهندي. انهيءَ سان گڏوگڏ ڌار ڌار موقعن لاءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جون ٻڌايل دعائون ياد ڪرايون وڃن، هفتي ۾ هڪ دعا ياد ڪرائي وڃي ته ٻن ٽئن سالن ۾ ٻارن کي انشاء الله سوين دعائون ياد ٿي وينديون. اهڙيءَ ريت انهن جي سکيا ۾ دعائن جي نورانيت پڻ شامل ٿي ويندي ۽ انشاء الله اهي زندگيءَ جي هر موڙ تي بگڙجڻ کان بچي ويندا. جيڪڏهن ڪجهه اهڙا الله جا ٻانها آڏو اچن جيڪي پرائيويٽ اسڪولن جي ذميوارن کي حڪمت جي انهيءَ ڪم جي اهميت ڏانهن ڏيان ڇڪائين، ۽ انهيءَ ڪم کي مقصد سمجهي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ته ٻارن جي ڀلي سکيا واري محاذ تي وڏو ڪم ٿي سگهي ٿو ، اهڙيءَ ريت

پنهنجي نسلن کيماديت پرستيءَ جي گهري لهر کان بچائڻ جي صورت پيدا ٿي سگهي ٿي.

## علم جي ناڻءَ تي تضادن ۽ فساد جو ڪارڻ

علم وڏي برڪت ڀري شيءِ آهي، انهيءَ سان پرهيزگاري/ تقويٰ جا دڳ کلندا آهن، اسلامي شريعت جي حڪمن جي ڄاڻ ٿئي ٿي ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي وصف پيدا ٿئي ٿي. تنهن ڪري قرآن مجيد عالمن جي ساراهه ڪئي آهي. انما يخشي الله من عباده العلماء (بيشڪ الله جي ٻانهن مان الله کان ڊڄڻ وارا عالم ئي آهن) پر علم جيڪو لفظن جي ور وڪڙن ۾ ڦاسي پوڻ جو ذريعو بڻجي وڃي ۽ صالح عملن بدران دولت، مان ۽ مرتبي ماڻڻ جو ڪارڻ هجي ۽ نفسي حجابن کي سمجهڻ کان ماڻهن کي پري ڌڪي، سو اهڙو ئي علم آهي جنهن لاءِ صوفين سڀني چيو آهي ته العلم حجاب الاڪبر، قرآن مجيد اهل ڪتاب جي علم کي گڏهه تي بوجهه کڻڻ سان ڀيٽيو آهي. اهل ڪتاب پنهنجي نبين سڀني عليهم السلام جن لاڳيتي وصيت جي ڪري صدين کان رسالتماب صلي الله عليه وسلم جن جو اوسيئڙو ڪندا رهيا، ڪيئي صديون پهرين لڏ پلاڻ ڪري اچي مدينہ منوره ۾ انهيءَ ڪري اچي رهيا ته حضور نبي صلي الله عليه وسلم جن تي ايمان آڻي سندن صحبت اختيار ڪجي، پر نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ظهور کان پوءِ مدينہ منور ۾ سڀ کان وڏيڪ مخالفت اهل ڪتاب ئي ڪئي، انهيءَ مخالفت جو ڪارڻ سندن لاعلمي نہ هيو، هنن ته الله جي نبي صلي الله عليه وسلم جن کي پنهنجي وڏڙن ۽ پنهنجي ڪتابن ۾ ٻڌايل نشانين مطابق ئي ڏٺو، قرآن مجيد ته فرمائي ٿو ته اهل ڪتاب رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي پنهنجي اولاد کان بہ وڌيڪ سڃاڻن ٿا. پر اهل ڪتاب جي وڏي اڪثريت نہ رڳو حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مخالفت ڪئي پر پنهنجون سموريون توانائيون حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مشن / مقصد کي مٽائڻ ۾ ڪپايون.



ڏک ۽ افسوس جي ڳالهہ اها آهي ته علم کي نفس جي معرفت/ سڃاڻپ ۽ رب جي معرفت حاصل ڪرڻ ۽ نفسي طاقتن کي فتح ڪرڻ، سهڻن اخلاقن وار بڻجڻ، ۽ الله جي رضا ۽ الله جي مخلوق جي ڀلائيءَ وارن مقصدن لاءِ گهٽ ئي ڪم آندو ويو آهي. علم جي ناڻءَ تي سماج ۾ جيڪي خرابيون ۽ بيائي موجود رهي آهي تنهنجو بڻيادي ڪارڻ علم جو غلط استعمال آهي. علم جو پهريون مقصد نفس جي سڃاڻپ ۽ پنهنجي رب جي سڃاڻپ/ معرفت آهي. جڏهن پنهنجي نفسي طاقتن جي سڃاڻپ ٿيڻ لڳندي آهي ته فرد جو سڀ کان پهريون نشانو نفس کي سڌارڻ بڻجي ويندو آهي. جڏهن الله جي معرفت حاصل ٿيڻ لڳندي آهي ته عبديت جو رنگ غالب ٿيڻ لڳندو آهي، ۽ عاجزي، نهٺائي ۽ نفيء ذات جو احساس پختو ٿيڻ لڳندو آهي ۽ الله جي عظمت ۽ جلالت جي ويجهي مشاهدي جي ڪري پنهنجي هستيءَ جو احساس مٽجي ويندو آهي.

## مومن ٻانهي کي آخرت واري جنت کان پهرين دنيا ۾ ملندڙ انعام

مومن ٻانهي کي آخرت واري بهشت کان پهرين هن دنيا ۾ پڻ وڏيون وڏيون نعمتون عطا ٿينديون آهن. ڊپ ڊيڄاء کان حفاظت، اسلامي شريعت پٽاندڙ زندگي گذارڻ جي سعادت، عشق ۽ محبت جي گرمي، دنيا کان بي نيازي جي دولت ۽ سڪينت جي عظيم نعمت عطا ٿيندي آهي، قرآن مجيد ۾ مومن ٻانهي کي دنيا ۽ آخرت لاءِ خوشخبريون ٻڌايون ويون آهن.

الا ان اولياء الله لاخوف عليهم ولا هم يحزنون الذين آمنوا وڪانو يتقون لهم البشريٰ في الدنيا وفي الآخرة. (سورت يونس آيت 62 کان64)

(ٻڌي ڇڏيو ته الله جي دوستن کي نہ خوف هوندو ۽ نہ هو غمگين ٿيندا. معنيٰ اهي جن ايمان آندو ۽ پرهيزگار رهيا تن لاءِ دنيا جي زندگي ۾ بہ بشارت آهي ته آخرت واري زندگيءَ ۾ پڻ).

انا لنصر رسلنا والذين آمنوا في الحيوة الدنيا ويوم يقوم الاشهاد.

(اسان پنهنجي پيغمبرن ۽ مومنن جي هن دنيا ۾ بہ مدد ڪندا آهيون ۽ آخرت ۾ پڻ ).

نحن اوليائڪم في الحيوة الدنيا وفي الآخرة . (حم سجده)

(جن ماڻهن چيو اسان جو پروردگار الله آهي ۽ انهيءَ تي ثابت قدم رهيا، تن کي چيو ويندو تہ اسان دنيا جي زندگيءَ توهان جا دوست آهيون ۽ آخرت واري زندگيءَ ۾ پڻ).

يثبت الله الذين آمنوا بالقول الثابت في الحيوة الدنيا وفي الاخرة. (سورت ابراهيم آيت27)

(الله مومنن جي دلن کي) پڪي ڳالهہ جي ڪري دنيا جي زندگي ۾ بہ مضبوط رکندو آهي تہ آخرت واري زندگيءَ ۾ پڻ) هتي القول الثابت مان مراد ڪلمہ توحيد آهي، ڪلمہ توحيد جڏهن قال (ڳالهہ کان وڌي حال بڻجي وڃي ٿو تہ توحيد وارو عقيدو پڪو پختو ٿي مزاج جو حصو بڻجي وڃي ٿو ۽ ماڻهو الله لاءِ يڪسو ٿي وڃي ٿو ۽ الله جي انهيءَ واعدي جو مصداق بڻجي وڃي ٿو .

مطلب تہ قرآن مجيد ۾ اهڙيون ڪيئي آيتون آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مومن ٻانهي جي جنت واري زندگي هن دنيا کان شروع ٿي وڃي ٿي.

من عمل صالحا من ذڪر او انثي وهو مومن فلنحيينه حياة طيبہ . (النحل آيت97)

(جيڪو ماڻهو چڱا ڪم ڪندو پلي مرد هجي يا عورت ۽ اهو ايمان وارو پڻ هوندو تہ اسان کيس دنيا ۾ پاڪ زندگي عطا ڪنداسي) مفسرن حياة طيبہ مان (پاڪ زندگي مان لذيذ زندگي، مسرور زندگي ۽ پاڪيزه زندگي مراد ورتي آهي.

## سلف صالحين جي فڪر کان الڳ فڪر پيش ڪرڻ وارا ڏاها

اهي جديد عالم ۽ ڏاها جيڪي اهم ديني مسئلن ۾ قرآن ۽ سنت جي تشريح جي بڻيادي معاملن ۾ سلف صالحين جي تحقيق کان بلڪل الڳ



تحقيق پيش ڪن ٿا ۽ اها دعويٰ ڪن ٿا تہ آخر اسان ۾ ۽ انهن يعني سلف صالحين ۾ علم، ڏاهپ، ذهن ۽ مطالعي ۾ ڪهڙو فرق آهي، انهن جي علمي سطح ۽ اسان جي علمي سطح ۾ ڪهڙو سنڌو آهي، اهڙا جديد عالم قابل رحم آهن، اهي اسلام سان، ملت سان ۽ پنهنجي ذات سان ناانصافي ڪري رهيا آهن، ڇاڪاڻ سلف صالحين کي تقويٰ جي بلند مرتبي سندن احسان جي مٿانهين مرتبي، صبغت الله جي غيرمعمولي غلبي ۽ سندن علمي گهرائيءَ جي ڪري الله پاڪ کين روشنيءَ ۾ مينار واري حيثيت ڏني هئي، دين جي بڻيادي ۽ اهم معاملن ۾ انهن جي علمي رهنمائيءَ کان بي نيازي اختيار ڪرڻ، انهن جي حيثيت کي پنهنجي حيثيت برابر سمجهڻ خطري جي ڳالهہ آهي، اهو خطرو انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ قرآن ۽ سنت جي حقيقي تشريح جو اهو تسلسل جيڪو امت ۾ چوڏهن سو ورهين کان هلندو پيو اچي، جديديت کان متاثر ڏاهن جي تحقيق سان صفا مجروح نہ ٿي وڃي، دين جي اهم ۽ بڻيادي معاملن ۾ قرآن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۽ تشريح جي سلسلي ۾ سلف صالحين جي تحقيق تي سختيءَ سان علم ڪرڻ بابت امت جي مجددن سخت زور ڏنو آهي. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ڪافي سخت تنبيهہ فرمائي آهي.

## دنيا جي قائم ۽ باقي رهڻ جو ذريعو الله جو ذڪر:

الله جي ذڪر کي معمولي نہ سمجهيو وڃي، الله جو ذڪر تمام وڏي ڳالهہ آهي ولذڪر الله اڪبر هن دنيا جي قائم رهڻ جو ذريعو پڻ الله جو ذڪر ئي آهي، حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن دنيا ۾ هڪ بہ شخص الله الله ڪرڻ وارو نہ رهندو تہ قيامت قائم ٿيندي، انهيءَ مان پڌرو ٿيو تہ قيامت کي روڪڻ واري شيءِ الله جو ذڪر آهي. الله جو ذڪر مقصد آهي. اقم الصلوة لذڪري (طه – آيت86) (نماز قائم ڪيو منهنجي ياد جي لاءِ) معنيٰ نماز جهڙي بڻيادي فرض جو مقصد بہ الله جي ڌيان جو استحضار آهي. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ذڪر ۾ آهي تہ اذهب انت واخوڪ باياتي ولا تنيا في

ذڪري. (طه – آيت42) (تون ۽ تنهنجو ڀاءُ فرعون ڏانهن وڃو منهنجي آيتن سان گڏ معنيٰ ڪيس منهنجون آيتون ٻڌايو پر ڏس منهنجي ذڪر کان غافل نہ رهجوءِ) پيغمبر جهڙي هستيءَ کي بہ تاڪيد ڪيو ٿو وڃي تہ توڙي جو الله جو پيغام پهچائڻ توهان جي منصبي ذمہ داري آهي پر انهيءَ ذمہ داريءَ وقت بہ توهان جي دل ۾ الله جو ذڪر هجي، اها ڳالهہ پيغام پهچائڻ کان وڌيڪ اهم آهي، الله جي واٽ ۾ جان جو نذرانو پيش ڪرڻ سڀ کان وڏي قرباني آهي، انهيءَ کان سرس قرباني ٻي ڪا بہ نہ آهي پر جنگ جي ميدان ۾ ويڙهہ دوران بہ الله جو گهڻو ذڪر ڪرڻ جو فرمايو ويو آهي.

يا ايها الذين آمنوا اذ لقيتم فئتہ فاثبتو واذكر الله كثيرا. (الانفال – آيت45)

(اي ايمان وارو، جڏهن توهان جو دشمن سان مقابلو ٿئي تہ ثابت قدم رهو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪيو).

## الله جي ذڪر کان وانجهيل شخص جو نفس ڪدورتن سان پريل هوندو آهي

قرآن مجيد ۾ آهي تہ: ولا تطع من اغفلنا قلبه عن ذكرنا واتبع هواه.

(اي پيغمبر انهيءَ ماڻهو جي ڳالهہ نہ مڃجانءِ جنهن جي دل کي اسان پنهنجي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو نفس جي خواهشن جو پيروڪار آهي).

انهيءَ آيت مان اهو نڪتو معلوم ٿيو تہ الله پاڪ کي اهڙو ذڪر مطلوب آهي جنهن سان دل الله جي محبت سان مغمور ٿي وڃي، انهيءَ سان قلبي ذڪر ڏانهن پڻ اشارو ملي ٿو انهيءَ آيت سڳوريءَ مان ٻيو اهو نڪتو ملي ٿو تہ قلب جي ذڪر کان نامانوسيت يا دل جو ذڪر کان پري هجڻ جو نتيجو نفساني خواهشن جي پيرويءَ جي صورت ۾ نڪري ٿو. اهڙي ماڻهو جو نفساني خواهشن کان بچڻ اوکو ڪم هوندو آهي. ذڪر کان خالي دل



نفس آسانيءَ سان اغوا ڪري وٺندو آهي، چاڪاڻ تہ اهڙو شخص نورانيت کان وانجهيل هوندو آهي ۽ جيئن تہ نفس پرستي ۽ نفس پروري سندس وظيفو هوندو آهي تنهن ڪري اهڙي ماڻهو جي ڳالهہ ۾ نفس جون ڪدورتون ۽ تاريڪيون / اونداهيون موجود ۽ غالب هونديون آهن.

جيتوڻيڪ / زبان سان ذڪر ڪرڻ سان پڻ قلب جي غفلت دور ٿيندي آهي ۽ الله پاڪ لاءِ سندس يڪسوئي پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي پر انهيءَ ۾ گهڻو وقت لڳي وڃي ٿو. قلبي ذڪر جنهن کي صوفين جي اصطلاح ۾ مراقبہ چيو وڃي ٿو تنهن سان قلب جي غفلت سگهوئي دور ٿيڻ شروع ٿي وڃي ٿي ۽ الاهي انوار اخذ ڪر جي صلاحيت تيز ٿي وڃي ٿي.

قرآن شريف ۾ الله جي نانءَ جي قلبي ذڪر لاءِ ڪيئي آيتون آهن، هڪ هيءَ آيت سڳوري آهي واذكر ربک في نفسک تضرعا وخيفتہ دون الجهر من القول بالغدو والاصال ولاتكن من الغافلين. (الاعراف آيت 205) (پنهنجي رب جو ذڪر، پنهنجي قلب / دل ۾ عاجزيءَ سان ۽ لڪيل نموني هلڪي آواز سان صبح ۽ شام ڪريو ۽ غافلن مان نہ ٿيو).

هن آيت سڳوريءَ ۾ پنهنجي رب جي نانءَ جي قلبي ذڪر جي تاڪيدي حڪم آهي، ظاهر آهي تہ اسان جي رب جو نالو الله ئي آهي،ٻي ڳالهہ هن آيت ۾ اها فرمائي وئي آهي تہ اهو ذڪر صبح ۽ شام ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن صبح ۽ شام جي ذڪر ۾ ڪوتاهي ٿي تہ اهو عمل غفلت ۾ ڳڻيو ويندو، ۽ غافلن ۾ شامل ٿيڻ کان حڪم ڏئي جهليو ويو آهي، ٻي آيت سڳوري آهي تہ وذكر اسم ربک وتبتل اليه تبتيلا. (مزمل : آيت8) (پنهنجي رب جي ناءُ جو ذڪر ڪيو ۽ سيني کان ڪٽجي انهيءَ ڏانهن ڌيان ڏيو) وذكر اسم ربک بكرة واصيلا (الدهر – آيت25) پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪيو صبح ۽ شام).

## ذڪر واري مزاجي سانچي کي مضبوط ڪرڻ کان سواءِ پيدا ٿيندڙ خرابيون

ذڪر جي مزاجي ۽ نفسياتي سانچي کي مضبوط ڪرڻ کانسواءِ ڪاروباري مصروفيت ۽ عملي زندگيءَ ۾ حق تي قائم رهڻ ڏاڍو مشڪل آهي، انهيءَ ڪري جو اهڙي صورت ۾ معنيٰ الله جي ياد جي ڌيان نہ هجڻ ڪري نفس ۽ شيطان کي حملو ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو وڃي ۽ شيطان قلب تي دنيا جي هيبت ويهاري حلال ۽ حرام کان بي نياز ٿي دولت ڪمائڻ ۽ دنيا مٿان فدا ٿيڻ وارن وسوسن کي مضبوط ڪندو رهندو آهي، اهڙيءَ ريت ذڪر ڏانهن مڪمل ڌيان نہ ڏيڻ جي آخرت واري زندگيءَ جي ڀيٽ ۾ دنيا واري زندگي محبوب بڻجي وڃي ٿي، تنهن ڪري قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

يا ايهاالذين آمنوا لاتلهكم اموالكم ولا اولادكم عن ذكر الله ومن يفعل ذالک فاولائک هم الخاسرون. (المنافقون – آيت9) (اي ايمان وارو ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ توهان جو ڪاروبار ۽ توهان جي اولاد توهان کي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏي، جيڪڏهن ائين ٿيو تہ اهي ماڻهو ئي نقصان وارا آهن).

## ذڪر حياتياتي گهرج آهي:

ذڪر انسان جي حياتياتي گهرج آهي، انسان ۾ جيڪي جوهري جزا آهن تن جي بڻاوٽ ۾ ذڪر جي گهرج اهڙيءَ ريت رکي وئي آهي جو انسان ذڪر کان سواءِ رهي ئي نہ ٿو سگهي ذڪر کان سواءِ جيڪو وقت گذرندو سو خطرن ۽ وسوسن سان ڀريل هوندو . شيطان انسان جي خون ۾ ڊڪندو رهندو آهي، اها ذڪر جي ئي سگهہ آهي جا شيطان جي اثرن کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي حديث مبارڪ آهي تہ شيطان انسان جي دل تي پنجو کوڙي ويهي رهندو



آهي ماڻهو جيئن ذڪر ڪندو آهي تہ هو ڀڄي ويندو آهي پر ذڪر کان غافل ٿيڻ جي نتيجي ۾ شيطان وري دل تي ويهي رهندو آهي.

ومن يعش عن ذكر الرحمان نقيض له شيطانا فهو له قرين. (الزخرف – آيت36)

(جيڪو رحمان جي ذڪر کان منهن موڙي ٿو اسان تنهن مٿان شيطان مڙهي ڇڏيندا آهيون جيڪو سندس مستقل ساٿي ٿي ويندو آهي) ۽ اهو ڪيس دنيا پرستيءَ خيالن ۽ وسوسن ۾ گهريندو رهندو آهي.

ومن اعرض عن ذكري فان له معيشتہ ضنقا. (جيڪو منهنجي ذڪر کان منهن موڙي ٿو اسان تنهن جي معاشي زندگي تنگ ڪري ڇڏيندا آهيون) معاشي زندگيءَ جي سوڙهہ جون ڪيئي شڪليون آهن، هڪ شڪل هيءَ آهي تہ نئين نئين گهرجن جو نہ ختم ٿيندڙ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، جيتري بہ آمدني هوندي آهي سا ناڪافي ثابت ٿيندي آهي، ٻي شڪل اها هوندي آهي تہ هل من مزيد (اڃا گهڻو) جو حرص پيدا ٿيندو آهي ۽ دولت سان محبت پيدا ٿيندي آهي تنهنڪري ٿورڙي نقصان سان بہ دل ويهجي ويندي آهي/ دل ڏڪي ويندي ٽين شڪل اها آهي تہ آمدنيءَ سان بيماريون، مصيبتون ۽ آفتون ائين پيدا ٿينديون آهن جو سمورو پيسو انهن جي ورچڙهي ويندو آهي، معاشي زندگيءَ جي سوڙهہ جون ٻيون بہ ڪيئي شڪليون آهن.

ذڪر اهڙي دولت آهي جنهن سان قناعت، توڪل ، خود اعتمادي، زهد ۽ فقر جو خزانو هٿ اچي وڃي ٿو ۽ دل الله جي ساڻ واري جذبي سان سرشار ٿيڻ لڳي ٿي، شروع ۾ ذڪر لاءِ گهڻو وقت ڏيڻو پوي ٿو پر جڏهن رياضتون ڪرڻ سان ذڪر وارو ملڪو حاصل ٿي وڃي ٿو تہ دل جو ڌيان پنهنجو پاڻ الله پاڪ ڏانهن ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ گهڻن رياضتن جي گهرج باقي نہ رهندي آهي جيئن مهڙ ۾ هر فن ۾ مهارت لاءِ وڌيڪ وقت ڏيڻو پوندو آهي پر مهارت ملي وڃڻ کانپوءِ گهڻو وقت ڏيڻو نہ پوندو آهي.

جيتوڻيڪ نجات (ڇوٽڪارو الله جي فضل سان واڳيل آهي پر الله جي فضل کي متوجه ڪرڻ لاءِ ٽن شين جو هجڻ ضروري آهي.

هڪ ته عقيدا صحيح هجن، الله، رسول ۽ آخرت تي عقيدو هجي، ٻيو اسلامي شريعت تي عمل ڪرڻ ٽيون عبادتن ۾ الله پاڪ ڏانهن پورو ڌيان هجي ۽ عبديت جو رنگ غالب هجي. حديث جبريل ۾ انهن ٽن شين جي هجڻ سان ئي اسلام جي مڪمل هجڻ جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي، جيڪڏهن عقيدن ۾ نقص/ ڏڦيڙ آهي يا توحيد جو تصور صحيح نه آهي يا اسلامي شريعت جي خلاف عمل تي اصرار ڪرڻ يا تڪرار ڪرڻ ته اهڙو ماڻهو بزرگ نه ٿو بڻجي سگهي پوءِ پلي هو ڪيترا ڪرشمار ۽ ڪشف ڏيکاري سندس روحاني اڏام بس ڪرشمن تائين ئي رهندي هو اڳتي وڌي نه سگهندو. اسان روحاني اڏام بلنديءَ جو معيار صحيح عقيدا ۽ اسلامي شريعت سان واڳيل آهي ”احسان“ ڪشن ۽ ڪرشمن جو نالو نه آهي پر ”احسان“ خلوص پيدا ڪرڻ ۽ الله لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ جو مزاج پيدا ڪرڻ جو نالو آهي.



# اسلام جي بنيادي تعليمات

## آزاد خيال فردن جي غور فڪر لاءِ

قرآن مجيد، جيئن جيئن نازل ٿيندو ويو هو، نبي ڪريم ﷺ جي مقرر ڪيل ترتيب ۽ اوهان جي هدايت مطابق لکيو ويندو هو. ان کي نبي ڪريم ﷺ جن جي وفات کان پوءِ ڪتاب جي شڪل ۾ انهيءَ ترتيب ۾ مرتب ڪيو ويو. پوءِ ڪجهه سالن ۾ ٽئين خليفه راشد حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنهُ جي قيادت ۾ اصل نسخي کان وڌيڪ نسخا تيار ٿيندا رهيا. غير عرب مسلمانن جي لاءِ قرآن جي درست طريقي سان پڙهڻ ۽ هر لفظ کي بغير ڪنهن غلطي جي تلفظ ڪرڻ جي آسان بڻائڻ جي لاءِ قرآني متن جي اندر زير، زبر ۽ مختلف علامتون بعد ۾ رکيون ويون.

جيڪي ماڻهو عربي زبان تي عبور رکندا هئا اهي قرآن مجيد جي منفرد هم آهنگي، باهمي وصل و ربط، تعبيرات ۽ ان جي اسلوب و نثر کي ٻڌي ڪري مسحور ٿي ويا هئا. قرآن مجيد جي جمع ۽ ترتيب، باهمي وصل و ربط،هم آهنگي مطابقت، بديع و معاني، فصاحت و بلاغت، خطابت و اسلوب بيان، ڪمال ترتيب، الفاظ جملي ۽ باطني مطلب جو اهتمام، عرب معاصرين جي طرز نثر و شاعري سان بالڪل منفرد ۽ لاجواب هو. لسانيت جا ماهرين ۽ خطباءِ قرآن جي معجز بيان سان حيرت زده هئا.

قرآن مجيد جهڙي طرح گذشته قومين، خصوصا بني اسرائيل، (قوم بني اسرائيل) ۽ سابقه انبياءِ ڪرام جون مستند حڪايتون ذڪر ڪيون آهن، اهل ڪتاب جا علماءِ (بالخصوص، يهودي ۽ عيسائي) به حيران و ششدر رهجي ويا. اهي پاڻ انهن مستند حڪايتن جي بعض حقيقي واقعن کان واقف نه هئا ۽ انهن جي باري ۾ مختلف خيال رکندا هئا.

وڏيڪ هي تہ قرآن مجيد ۾ ذڪر ڪيل مستقبل ۾ پيش اچڻ وارا واقعات پيش گوئي جي عين مطابق رونما ٿيا، جيڪو هن جي معجزي ۽ الله جي ڪتاب هجڻ کي ثابت ڪري ٿو. انسان جي لاءِ هي ممڪن نہ آهي تہ اهو ان جي تخليقي ۽ ابداعي، الفاظ و معني جي ندرت و لطافت ۽ سوين ٻين وصفن ۽ ڪمالن کي اهڙي طرح درستگي سان مرتب ڪري سگهي.

اسلام جي پوري تاريخ ۾ طلب شهرت ...يا... طلب معاش کانسواءِ مسلم علماءِ ۽ اسڪالرز پنهنجون سموريون زندگيون محبت، عقيدت ۽ لگن سان قرآن مجيد جي خدمت جي لاءِ هر ممڪن طريقي سان وقف ڪيون. هزارين ترجما منظر عام تي آيا ۽ قرآن مجيد جي تعليمات جي تفسير ڪندي سڄي عمر مسلمانن جي رهنمائي ڪئي.

گهڻن ماڻهن بي مثال طريقي سان قرآن پاڪ جي خدمت ڪئي آهي. ڪجهہ شاعرانہ انداز ۾ ان جو ترجمو ڪيو، ڪجهہ ان کي سون جي اکرن سان لکيو. ڪجهہ ان کي سوني جي تختين تي منقش ڪيو، ۽ ڪجهہ ان کي وڏي وڏي چمڙي جي کل تي تحرير ڪيو جنهن سان هي سڀ کان وڏو ۽ وزني ايڊيشن بڻجي ويو. ڪجهہ ماڻهن ان کي ايترو سنهڙو لکيو جو هي سڀ ننڍو پڙهي وڃڻ وارو ورزن بڻجي ويو. ڪجهہ قرآني خطاطي جا ماهر بڻجي ويا ۽ هزارين مختلف ڊيزائن تيار ڪيا. مسلمانن قرآن مجيد جي تلاوت ۽ تجويد و قراءت جو فن ايجاد ڪيو ۽ ان کي ڪمال تائين پهچايو. خلاصو هي تہ مسلمانن الله جي رضا ۽ خوشنودي جي خاطر هر ممڪن طريقي سان الله جي ڪتاب جي خدمت ڪئي ۽ مسلسل ڪري رهيا آهن. قرآن ڪريم کانسواءِ ڪو ٻيو ڪتاب پنهنجي پيروڪارن کان اهڙي بي مثال محبت ۽ عقيدت جي دعويٰ نہ ٿو ڪري سگهي.

قرآن ڪنهن ٻئي ڪتاب کان بالڪل جدا ۽ منفرد آهي. هي الله جو ڪلام آهي ۽ ان جو هر ممڪن طريقي سان احترام ڪيو وڃڻ گهرجي. ان کي حفاظت سان رکڻ، هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ وٺي وڃڻ ۽ ايسيتائين جو ان کي شيلف تي ڪئين رکيو وڃي ان باري ۾ اصول ۽ ضوابط موجود آهن. ان جي انتهائي نگهداشت ۽ حفاظت گهڻن روحاني فائدن جو



باعث بڻجي ٿي ۽ ان جي سار سنڀال جو هڪ معمولي اشارو ۽ حرڪت بہ الله کي راضي ڪري ڇڏيندو آهي. ايسيتائين جو ان کي روزمره جي ڪچري سان گڏ ...يا... ڄاڻي واڻي ڪري ان کي رستي ...يا... فرش تي رکڻ جو خيال بہ الله جي غيظ و عضب جو باعث بڻجي ٿو، ۽ ايئڻ ڪرڻ جا سنگين نتائج هوندا آهن. قرآن مجيد ۽ انهن جي ڪنهن بہ آيت جو پراڻو ۽ بوسيده ۽ شڪستہ نسخو چاهي ڪنهن بہ مادي تي لکيو ويو هجي، ان کي ٻين مقدس مواد سان گڏ نئي شڪل ڏني وڃڻ گهرجي، زمين ۾ دفن ڪيو وڃي ...يا... پاڻي ۾ ٻوڙيو وڃي، يعني تالاب، دريا ...يا... سمنڊ ۾. ان کي غسل خانہ، بيت الخلاءِ وغيره ۾ هرگز نہ ڪٽي وڃڻ گهرجي، بسترن جي هيٺان ...يا... ڪنهن بہ گندگي جي ويجهو نہ رکڻ گهرجي. قرآن مجيد کي ڇوهڻ کان پهريان مسلمانن کي طهارت ۽ پاڪي جي حالت ۾ هئڻ ضروري آهي. ڪنهن بہ صورت ۾ قرآن جي مقدس آيتن کي ڪٽڻ وقت گهڻي احتياط ڪرڻ گهرجي، ۽ ڪنهن بہ قسم جي بي ادبي کان بچڻ گهرجي.

ٻين ڪتابن جي مقابلي ۾ خواه اهي مقدس هجن ...يا... غير مذهبي، قرآن ڪريم هر لحاظ کان هر ڪتاب تي سبقت رکي ٿو. هي دنيا جي سڀ کان وڏيڪ شائع ٿيڻ وارو، تزئين ۽ آرائش ڪرڻ وارو، پڙهيو وڃڻ وارو، تحقيق ڪرڻ وارو ۽ تجزيو ڪرڻ وارو ڪتاب آهي. اڄ تائين ان مان نوان نوان علوم و فنون ۽ حڪمتون حاصل ڪيون وڃن ٿيون ۽ ان جي اسرار و رموز کي افشا ڪيو وڃي ٿو. جيئن جيئن هر شعبي جي سائنس ترقي ڪري رهي آهي ۽ نئون دريافتون ٿي رهيون آهن، سائنس اهي ڳالهيون سامهون آڻي رهي آهي جيڪي قرآن اسان کي 1400 سال پهريان ٻڌائي ڇڏيون هيون. هن حقيقت جون بيشمار مثالون ملي سگهن ٿيون.

**قرآن ڪريم جا مشمولات:**

قرآن ڪريم جی مطابق الله فرمائی ٿو:

وَ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّ هُدًى وَّ رَحْمَةً وَّ بُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ (قرآن مجيد، 16:89)

۽ اسان نازل ڪيو آهي توهان تي ڪتاب، روشن بيان هر شيءِ جو، ۽ هدايت ۽ رحمت ۽ خوشخبری مسلمانن جی لاءِ

وَلَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ (قرآن مجيد، 6:59)

....... ۽ نہ آهي ڪو داڻو زمين جي اونداهين ۾، ۽ نہ تر ۽ نہ خشڪ، پر سڀ هڪ روشن ڪتاب ۾ آهي.

الله قرآن ۾ پاڻ کي ظاهر فرمائي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ ان ڪائنات کي ڪيئن ۽ چو بڻايو ۽ خاص طور ڪان انسان کي. (قرآن مجيد،41:9-12 ۽ 51:56) قرآن اسان جي زميني زندگي جي بنيادي مقصد جي اهميت ظاهر ڪري ٿو. يعني، اسان آخرت ۾ ڪيئن ۽ چو منتقل ٿينداسين ۽ انساني زندگي جا اڳلا ۽ آخري مراحل ڇا ٿيندا؟ هي اسان جي رهنمائي ڪري ٿو تہ ڪهڙي طرح زمين تي ڪاميابي سان گڏ زندگي گذاريون ۽ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ آخرت ۾ "حتمي ڪاميابي" ڪيئن حاصل ڪئي وڃي. هي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ الله جي رضا ڪيئن حاصل ڪئي وڃي. هي اسان جي زندگي ۾ پنهنجي اندروني ۽ بيروني دشمنن جي باري ۾، اسان جي جسماني ۽ روحاني پهلوئن جي باري ۾، اسان جي معاون و مثبت قوتن ۽ اسان جي مخالف و منفي قوتن جي باري ۾ آگاهہ ڪري ٿو.

قرآن هر انساني معاملي جي لاءِ قواعد ۽ ضوابط مقرر ڪري ٿو. يعني اهي جو انتهائي ذاتي ۽ نجي معاملن ڪان وٺي ڪري معاشري تي مجموعي طور تي اثر انداز هوندا آهن ان تائين. هي براہ راست ۽ بالواسطہ عبادتن جي مختلف شڪلن کي سمجهائي ٿو. هي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ الله کي ڇا پسند آهي ۽ ڇا نہ. هي چڱي ۽ بري روين ۽ طرز عمل جي جزا ۽ سزا بيان ڪري ٿو. هي اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ ڪهڙي طرح گزشتہ قومن الله جي نبيين جي نافرماني ڪئي ۽ اهي الله جي غيظ و غضب جا شڪار ٿي ويا. هي اسان کي تفصيل بيان ڪري ٿو تہ نبيين انسانيت تائين الله جو پيغام پهچائڻ جي لاءِ ڪهڙي طرح جدوجهد ڪئي. ان ۾ "انساني فطرت" ۽ هر شي جي نوعيت، تخليق جو عمل، خدا تعالي جي طاقت ۽ قدرت، خالق جو ان جي مخلوقات سان تعلق



۽ هر ان شيءِ تي بحث ڪئي وئي آهي جيڪا انسان کي هن دنياوي حالت ڪان ابدي حالت تائين جي سفر جي لاءِ درڪار آهي.

هڪ طرف قرآن ايمان وارن جي لاءِ خدائي هدايت آهي ۽ ان جي آخري منزل تائين ان سان گڏ رهي ٿو، تہ ٻئي طرف قرآن ٻين سيني ماڻهن جي لاءِ هڪ اهڙي هدايت آهي جنهن جي ذريعي انهن کي صرف آگاهہ ڪيو وڃي ٿو، پر انهن سان گڏ نہ ٿو رهي چو تہ اهي ان تي ايمان نٿا آڻين ڪنهن کي ان جي منزل تائين وني وڃڻ ۽ ڪنهن کي صرف هدايتون ڏيڻ، بہ مختلف شيون آهن. اسلام مڪمل زندگي جو طريقو آهي ۽ سيني متعلقہ معلومات، علم و حڪمت ۽ هدايت و رهنمائي قرآن مجيد ۾ ظاهر ڪيون ويون آهن.

هتي مان قرآن ڪريم جي افتتاحي سورت جو ترجمو شامل ڪيان ٿو، جنهن جي باري ۾ مجيو وڃي ٿو تہ انهن ڪجهہ مختصر آيتن ۾ قرآن مجيد جو پورو پيغام موجود آهي (طبراني) تمام گهڻن علماءِ ڪرام قرآن مجيد جي صرف هن افتتاحي سورت جي تفسير جي لاءِ ڪيتريون ئي جلدون لکيون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ(1) الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ(2) مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ (3) اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ (4) اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ(5) صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ(7) (قرآن مجيد،1:1-7)

نالي سان الله جي وڏو مهربان بخشڻ واروسڄي حمد الله ئي جي لاءِ پروردگار سڄي جهانن جو، وڏو مهربان بخشڻ وارو. مالڪ روز جزا جو. تنهنجي ئي اسان عبادت ڪريون ۽ تنهنجي ئي مدد چاهيون. اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ. رستو انهن جو، تہ انعام فرمايو تو جنهن تي، نہ انهن جو، تہ غضب فرمايو جنهن تي، ۽ نہ گمراهن جو.

**قرآن ڪريم پنهنجي باري ۾ ڇا ٿو چوي؟**

متعدد مقامن تي قرآن پنهنجي صداقت ۽ مطلق خدائي (خدا جي جانب) هجڻ جي گواهي ڏيئي ٿو. هيٺ ڏنل آيتون هن حقيقت کي واضح ڪن ٿيون.

ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ(2) (قرآن مجيد،2:2)

اهو ڪتاب، جو ڪنهن قسم جو شڪ ناهي جنهن ۾، هدايت آهي ڊڄڻ وارن جي لاءِ.

وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ مُّصَدِّقُ الَّذِىْ بَيْنَ يَدَيْهِ-----(قرآن مجيد، 6:92)

۽ هي ڪتاب آهي جيڪو اسان نازل فرمايو، برڪت وارو، تصديق ڪرڻ وارو.

قُلْ لَّئِنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا(88) وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِىْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا(89) (قرآن مجيد، 89-17:88)

اعلان ڪري ڇڏيو ته ”جيڪڏهن جمع ٿي وڃن سڀ انسان ۽ جنات ته ناهي اچن اهڙو قرآن مثل ته نه آڻي سگهندا اهڙو ڪٽي هڪڙا ٻين جي پشت پناهي ڪن ۽ بيشڪ ڪيترين ئي مثالن سان اسان ماڻهن جي لاءِ هر ڳالهه بيان ڪئي آهي ته انڪار ئي ڪري ڇڏيو گهڻن ناشڪري سان.

وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّنَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا (قرآن مجيد،17:106)

۽ قرآن ڪي اسان ٿورو ٿورو ڪري موڪليو، ته جيئن پڙهو انهن ماڻهن تي رڪي رڪي ڪري، ۽ اسان ان ڪي آهسته آهسته ڪري نازل ڪيو.

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ۭ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ(21) (قرآن مجيد،59:21)

جيڪڏهن نازل ڪيون اسان قرآن ڪي ڪنهن جبل تي، يقيناً ڏسندؤ توهان ته جهڪيل ريزه ريزه الله جي خوف ڪان. ۽ هي مثالون ٻڌايون ٿا اسان ماڻهن ته جيئن اهي سوچين.

بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ(21)فِىْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ(22) (قرآن مجيد، 22-85:21)

بلڪ اهو قرآن مجيد آهي لوح محفوظ ۾.

وَاِنْ كُنْتُمْ فِىْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۠ وَادْعُوْا شُهَدَاۗءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ(23) فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَلَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِىْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ ښ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ(24) (قرآن مجيد، 24-2:23)

۽ جيڪڏهن توهان هجو ڪنهن شڪ ۾ ان بابت جيڪو نازل ڪيو اسان پنهنجي خاص ٻانهي تي، ته ڪٽي اچو هڪ ئي سورت ان وانگر، ۽ سڏيو پنهنجي ساخته مددگارن ڪي الله ڪي ڇڏي ڪري، جيڪڏهن توهان



سچا آهيو. جيڪڏهن توهان نه ڪري سگهو..... ۽ هرگز نه ڪري سگهندو. ته ڊڄو ان باهه ڪان، اها جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن. تيار رکي وئي آهي ڪافرن جي لاءِ.

وَمَا كَانَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ(37) (قرآن مجيد، 10:37)

۽ نه آهي هي قرآن، الله ڪي ڇڏي گهڙيل، پر تصديق ڪري ٿو ان جي جيڪو ان جي اڳيان آهي، ۽ تفصيل نوشته قدرت جي، ڪو به شڪ ناهي ان ۾، سڀني جهان جي پروردگار جي طرف ڪان آهي.

وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ (قرآن مجيد، 39:27)

۽ بيشڪ بيان فرمايو اسان ماڻهن جي لاءِ هن قرآن ۾، هر طرح سان، ته جيئن هي نصيحت قبول ڪن.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالذِّكْرِ لَمَّا جَاۗءَهُمْ ۚ وَاِنَّهٗ لَكِتٰبٌ عَزِيْزٌ لَّا يَاْتِيْهِ الْبَاطِلُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَلَا مِنْ خَلْفِهٖ ۭ تَنْزِيْلٌ مِّنْ حَكِيْمٍ حَمِيْدٍ (قرآن مجيد، 42-41:41)

جنهن انڪار ڪري ڇڏيو نصيحت جو، جڏهن آئي انهن وٽ، ۽ بلا شبه يقينا عزت وارو ڪتاب. نه ٿو اچي سگهي باطل ان جي اڳيان ۽ نه ان جي پويان ڪان، نازل ڪئي وئي حڪمت واري حمد واري جي طرف ڪان.

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ ۭ وَلَوْ كَانَ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا كَثِيْرًا (قرآن مجيد، 4:82)

ڇا سوچ ڪان ڪم نٿا وٺن قرآن ۾؟ جيڪڏهن اهو الله ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي طرفان هجي ها، ته ان ۾ گهڻو اختلاف ڏسن ها.

## قرآن جي تفسير:

گهڻا ماڻهو جيڪي اسلام جي متعلق ڄاڻڻ ۾ دلچسپي رکندا آهن، قرآن ڪريم جي طرف رجوع ڪندا آهن. شايد ان جي وجهه ان جو بآساني دستياب ٿيڻ آهي...يا... اهو ڪنهن ٻئي ڪتاب جي متعلق نٿا ڄاڻين جيڪو انهن ڪي اسلام جي باري ۾ ڄاڻڻ جي ضرورت ڪي پوري

کري سگهي ...يا... شايد انهيءَ لاءِ تہ اهو صرف قرآن ڪريم ڪي ترجيح ڏين ٿا. ڇو تہ قرآن ڪريم عربي زبان ۾ آهي، ۽ هر ڪوئي عربي نہ ٿو ڄاڻي، انهيءِ لاءِ ماڻهو ان زبان جي ترجمي جو انتخاب ڪندا آهن جنهن ڪان اهي سڀ ڪان وڌيڪ واقف هوندا آهن. ان مقام تي قرآن ڪريم جي ترجمي ۽ تفسير جي درميان فرق ڪي نوٽ ڪرڻ ضروري آهي.

ترجمي ڪرڻ جو سڌو مطلب آهي هڪ ٻوليءَ ڪي ٻئي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ، ۽ تفسير ڪرڻ جو مطلب انهن خاص لفظن ۾ بيان ڪرڻ آهي جنهن ۾ معاملو آساني سان سمجهي سگهي. قرآن ڪريم عربي ٻوليءَ ۾ الله جو ڪلام آهي انهيءِ لاءِ ان جو ڀرپور صحيح ترجمو تہ ممڪن نہ آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪوئي قرآن ڪريم جي هر لفظ جي لغوي معني وٺڻ تي بضد هجي، تہ ان سان مونجهارو پيدا ٿي ويندو ۽ قرآن جو مطلوبہ پيغام سمجهہ ۾ نہ ايندو. قرآني متن جي بنيادي معني ڪي سمجهڻ جي لاءِ اسان هڪ ڪي معتمد ۽ باضابطہ تفسير و تشريح جي مدد درڪار ٿيندي آهي، ترجمو ڪافي ناهي هوندو.

قرآن ڪريم جي تشريح جي لاءِ مناسب عربي اصطلاح "تفسير" آهي. جيڪو بہ قرآن مجيد جو مطالعو ڪرڻ چاهي ٿو ان ڪي لازمي طور تي قرآن جي تفسير جو سهارو وٺڻ گهرجي. هي ذهن نشين ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ هر ڪوئي قرآن مجيد جي تفسير ڪرڻ جو اهل نہ آهي، اگرچہ اهو عربي زبان جو ڄاڻو ۽ ماهر ئي ڇو نہ هجي. هڪ نا اهل ...يا... گهٽ تعليم يافتہ شخص جيڪو تفسير لکندو آهي صرف انهيءَ جي تشريح و تفسير ڪندو آهي جيڪو پاڻ سمجهندو آهي ۽ اصل يا قريبي معني پيش نہ ٿو ڪري سگهي. انهيءِ لاءِ اهڙي شخص ڪي ڪڏهن بہ تفسير جي ذمہ داري حوالي نہ ڪئي وڃي.

گهڻن نا اهل ماڻهن قرآن ڪريم ڪي پنهنجي ناقص راءِ جي مطابق تفسير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهڙي طرح مذهب اسلام ڪي گهڻو نقصان پهچايو ۽ امت مسلمہ ڪي ڪيترن ئي فرقن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. هن وقت گهٽائي افراد ۽ گروهہ قرآني آيتن جي لغوي معني ۽ ان جي تفسير جو حوالو ڏين ٿا تہ اهي پنهنجي ذاتي/ سياسي ايجنڊن ڪي مسلم ۽ غير مسلم ڪميونٽي ۾ فروغ ڏئي سگهن. مون ڪي خدشو



آهي تہ هي عمل جاري رهيو تہ اهو امن و سڪون ۽ اتحاد و اتفاق ڪي ناقابل تلافي نقصان پهچائيندو.

جيئن تہ قرآن ...يا... ان جي ڪنهن آيت جي متعلق راءِ قائم ڪرڻ ۽ فيصلو ڏيڻ ڪان پهريان هڪ متعمد ۽ صحيح تفسير جو مڪمل مطالعو ضروري آهي. هڪ مستند مفسر جي لکيل تفسير ئي قرآني آيتن جي ڪافي حد تائين اصل معني جي تشريح ڪري ٿي.

جيئن تہ پهريان ذڪر ڪيو ويو آهي تہ قرآن ڪريم علم و حڪمت جو سمنڊ آهي جنهن جو ڪنارو نہ آهي ۽ هي هدايت و رهنمائي ۽ نصيحت سان ڀريل آهي. تنهنڪري ان جي نئين نئين معلومات قيامت تائين، وقت جي ضرورت جي مطابق منظر عام تي ايندي رهندي. قرآن ڪريم جي مناسب تفسيرن جي ذريعي علم جي هن وهڪري جو عمل جاري رهندو. غير معتبر تفسير صرف نقصان پهچائيندي آهي ۽ اسلام، پيغمبر اسلام ۽ پاڻ قرآن ڪريم جي باري ۾ غلط فهميون پيدا ڪندي آهي.

قرآن ڪريم جو ترجمو/ تفسير ڪرڻ جي لاءِ رهنما اصول موجود آهن ۽ هڪ فرد ڪي سند يافتہ مفسر بڻجڻ جي لاءِ ان جي ضروري لوازمات جو تعين ڪيو ويو آهي، الله قرآن ڪريم ڪي حضرت محمد ﷺ جي قلب اطهر تي نازل فرمايو ۽ پاڻ ﷺ جي لاءِ لازم ڪري ڇڏيو تہ اهي پنهنجي صحابہ ڪي الله جو ڪلام سيکارين. ۽ بعد ۾ اچڻ وارا بعد جي انسانن ڪي ان جي تعليم ڏين.

الله قرآن ڪريم ۾ ان جي تصديق فرمائي ٿو:

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ ۚ وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ۔
(قرآن مجيد، 3:164)

البتہ بيشڪ! احسان فرمايو الله ايمان وارن تي جيڪو موڪليو انهن ۾ رسول انهيءَ مان، تلاوت ڪري انهن تي الله جو آيتون، ۽ پاڪ ڪري انهن ڪي، ۽ سيکاري انهن ڪي ڪتاب ۽ حڪمت، نہ تہ ضرور اهي ماڻهو پهريان ڪان ڪلي گمراهي ۾ هئا.

حضرت محمد ﷺ هي فريضو بخوبي ادا ڪيو، پاڻ ﷺ قرآن کي مڪمل طور تي پنهنجي صحابہ کي بهترين انداز ۾ سيکاريو. جيئن تہ پاڻ ﷺ سڀ کان پهريان قرآن جا مفسر هئا، (مستند و معتمد مفسر قرآن) ۽ انهيءَ وقت اوهان تفسير جو مزيد ڪم ڪرڻ جي لاءِ اصول مقرر ڪري ڇڏيا. اهي قرآن جا پهريان مفسر ڇو نہ هجن جڏهن تہ قرآن نازل ئي پاڻ تي ٿيو ۽ اوهان پاڻ سڳورن ان کي الله کان سکيو هو. (قرآن مجيد، 55:2) ۽ اهي پنهنجي انهن اقوال ۽ احاديث جي ذريعي تفسير جو ڪم اڳتي وڌائڻ جي لاءِ اصول ڇو مقرر نہ فرمائيين ها. جن سان الله جي آخري ڪتاب ۽ رهنمائي جي حفاظت ٿئي. جيڪڏهن ڪو نبي جي طريقي کان انحراف ڪري ٿو ۽ پنهنجي فيصلي، راءِ ۽ پسند ...يا... سهولت سان تفسير لکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، تہ اهو نہ صرف گناهگار ٿيندو آهي بلڪہ قرآن ڪريم جي صحيح پيغام کي اهڙي طرح نہ پاڻ سمجهي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ٻين کي سمجهائي سگهي ٿو. هن حوالي سان هڪ حديث ۾ آيو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ڄاڻي واڻي غلط بيان نبي ڪريم ﷺ سان منسوب ڪندو آهي تہ اهو جهنم ۾ پنهنجو ٺڪاڻو ٺاهي وٺندو آهي. (بخاري و مسلم)

تفسير جو سند يافتہ ۽ معتمد عالم بڻجڻ جي لاءِ ڪجهہ بنيادي شرط هيٺ ڏنل آهن. جڏهن ڪو انهن علوم ۽ فنون جي شعبن ۾ مهارت حاصل ڪري تہ اهو تفسير جو مشڪل ڪم شروع ڪري سگهي ٿو. ڇا توهان سوچي سگهو ٿا تہ هڪ فلسفي جي مقالي ...يا... دليلن جو ڇا بڻجندو جيڪڏهن "ڪو لوهار" توڙي موڙي ان جو مطلب بيان ڪري؟ اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو نا اهل شخص قرآن جي تفسير ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، تہ الله جي ڪلام جي معني ۽ مطلب جو ڇا بڻجندو؟

ڪنهن بہ شخص کي تفسير جو ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان هيٺ ڏنل شعبن جو ماهر هجڻ ضروري آهي:

1. پهريان ان کي هڪ صالح مومن ٿيڻ گهرجي.
2. عربي لغت ۽ تصريفات ۽ اشتقاق جو علم.
3. علم نحو ۽ صرف. (عربي قواعد)



4. صرفيات ۽ شڪليات جو علم. (لفظن جي داخلي تعمير)
5. علم معاني ۽ بديع، علم بلاغت ۽ علم بيان.
6. تجويد و قراءت جو علم.
7. علم اصول الدين (عقيدا ۽ مسلمات)
8. علم اصول الفقہ
9. علم فقہ (مسئلن ۽ قانونن جي شرح)
10. علم اسباب نزول. (مناسب سياق و سباق ڄاڻڻ، مڪي، مدني، محڪم ۽ متشابہ وغيره جو علم)
11. ناسخ ۽ منسوخ آيتن جو علم.
12. اصول حديث جو علم.
13. حديث جو علم (گهٽ ۾ گهٽ آيت جي تفسير جي متعلق)
14. تاريخ جو علم (گزشتہ انبياءِ، قومن ۽ سماج جو)
15. عرب ثقافت جو علم (مروج رسمون ۽ طريقا)
16. **علم لدني:** الله جي طرف کان عطا ڪيل خاص علم، جيڪو عام طور تي صرف ڪجهہ هڪ کي ئي عطا ٿيندو آهي.
17. اسلام جي بنيادي اصولن جو علم (عقيدا)
18. ڪجهہ جي ويجهو اصل عنصر الله، ان جي نبي ﷺ، قرآن ڪريم جي محبت ۽ اسلام جي دعوت ۽ تبليغ آهي، هي محبت قرآن جي علم کي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي نشرواشاعت جي لاءِ نور جو سبب هوندي آهي.

محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله



# اسان جا ڪجھ اهم معاملات

## احاديث نبوي جي روشني ۾

### ٻين تي ظلم نہ ٿيڻ ڏيڻ:

فرمايائون: مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، هو ان تي ظلم نٿو ڪري، ۽ نہ ئي ان تي ظلم ٿيڻ ڏئي ٿو. جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪندو، الله تعاليٰ ان جي ضرورت پوري ڪندو. جيڪو شخص ڪنهن مسلمان جي هڪ تڪليف کي دور ڪندو، الله تعاليٰ قيامت جي تڪليفن مان ڪنهن تڪليف کي دور ڪندو. جيڪو شخص ڪنهن مسلمان جي پرده پوشي ڪندو، الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان جا عيب لڪائيندو. (صحيح بخاري)

هن طرح جون احاديث مسلمان کي ظلم کان بچائڻ جي ترغيب ڏين ٿيون، جيئن مسلمان معاشرو هڪ مثالي ڀائرن واري معاشري ۾ تبديل ٿئي. هڪ دور ۾ اسان جو معاشرو ڪنهن حد تائين ان جو منظر پيش ڪندو هو، پر موجوده دور ۾ نفسا نفسي جي ماحول جي غلبي سبب، مسلمان کي پنهنجو ڀاءُ سمجهڻ، ان جي غم ۾ حصيدار ٿيڻ، ضرورت جي وقت مدد ڪرڻ، ۽ مشڪل وقت ۾ ان جو ساٿ ڏيڻ جي اهميت گهٽجي وئي آهي، جنهن سبب مسلمان معاشرو بي سهارا لڳي رهيو آهي. جيڪڏهن دل الله جي محبت سان خالي هوندي آهي ۽ سينو تقويٰ کان محروم هوندو آهي، تہ ائين ئي ٿيندو جيڪو هن وقت ٿي رهيو آهي.



### ماڻهن جو شڪريو ادا نہ ڪندڙ، الله جو شڪر ادا نٿو ڪري سگهي:

فرمايائون: جيڪو ماڻهن جو شڪريو ادا نہ ڪندو، اهو الله جو بہ شڪريو ادا نٿو ڪري سگهي. ماڻهن جي احسان جو شڪريو ادا ڪرڻ ۽ ان لاءِ دعا ڪرڻ مؤمنن جي خاصيت آهي، جيڪو ائين نہ ڪندو، اهو الله جو شڪريو بہ ادا نہ ڪري سگهندو. (سنن ابن داود/ڪتاب داود/ڪتاب آداب/حديث:٤٨١١)

ماڻهن جي طرفان احسان جو معاملو جيتوڻيڪ الله جي طرفان آهي، جو الله ئي سندس دل ۾ اها ڳالھ وجهندو آهي، تنهنڪري ماڻهن جي احسان جو شڪريو ادا ڪرڻ هڪ لحاظ کان الله جو شڪريو ادا ڪرڻ جي برابر آهي.

### الله جي خاطر محبت ڪرڻ وارن تي الله جي محبت واجب آهي:

فرمايائون: (حديث قدسي ۾) الله فرمائي ٿو تہ منهنجي خاطر هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ وارن، منهنجي خاطر هڪ ٻئي سان ملڻ وارن، منهنجي خاطر هڪ ٻئي جي زيارت ڪرڻ وارن ۽ منهنجي خاطر هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ وارن تي منهنجي محبت واجب ٿي وئي آهي. (مسند احمد: ٢٢٠٣٠)

هي حديث امام محمد ڀاران روايت ڪئي وئي آهي. هي حديث شريف پنهنجي مفهوم ۾ بلڪل واضح آهي، الله جي خاطر عطا ڪرڻ، الله جي خاطر ملڻ وارن ۽ الله جي خاطر هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ وارن لاءِ سڀ کان وڏي خوشخبري آهي تہ اهڙن ماڻهن سان الله محبت ڪري ٿو ۽ ظاهر آهي جن سان الله محبت ڪري، انهن لاءِ دين ۽ دنيا جي سڀني سعادتن جا رستا کلي ويندا آهن.

ان ۾ الله جي محبت لاءِ ٿيندڙ محفل ۾ شرڪت ڪندڙ بہ شامل آهن, الله جي خاطر هي ڪم سرانجام ڏيڻ وارا افراد اهي آهن, جن ۾ الله جي محبت جا ذرا موجود هوندا آهن, جڏهن اهي هڪ ٻئي سان ملن ٿا تہ انهن جي دلن ۾ موجود طاقتور مثبت شعاعون منتقل ٿين ٿيون, جنهن سان هڪ ٻئي جي ايمان ۽ يقين جي حالت ۾ پختگي اچڻ لڳي ٿي ۽ اهي راه محبت ۾ هلڻ لاءِ پنهنجي اندر هڪ نئون حوصلو ۽ نئين توانائي محسوس ڪرڻ لڳن ٿا.

انهي سان گڏ, الله جي خاطر ملڻ سان الله لاءِ عمل ڪرڻ ۾ بہ آسانی پيدا ٿئي ٿي, ڇو تہ محبت هڪ طاقتور عمل آهي, جيڪو ڪمزور کان ڪمزور فرد کي بہ اڀارڻ جو ذريعو بڻجي ٿو. اسان جي محرومي ۽ بدنصيبي آهي تہ موجوده دور ۾ اسان الله جي خاطر هڪ ٻئي سان محبت جي اهميت ۽ زندگي تي ان جي اثرن کان نا آشنا آهيون.

دنيا ۾ سکڻ جا ٻہ ذريعا آهن, هڪ ڪتاب ۽ ذهن جو استعمال, ٻيو ماهر ۽ تجربيڪار فرد (استاد) جي صحبت. اهڙي طرح الله جي محبت واري دنيا ۾ هلڻ لاءِ الله جي محبت سان سرشار فرد جي صحبت طاقتور عمل آهي, اهڙي فرد سان ملاقات لاءِ ايندو رهڻ, انهن سان رابطي ۾ رهڻ ۽ انهن سان فقط الله جي خاطر محبت ڪرڻ ۽ پنهنجي دل انهن جي حوالي ڪرڻ سان دل پاڪ محبت جي جذبات سان پرجي ٿي.

مذڪوره حديث ۾ هي ساري شيون شامل آهن, اهڙن فردن بابت چيو ويو آهي تہ الله جي محبت انهن تي واجب ٿي وئي آهي.

الله جي محبت لاءِ مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ وارو هر فرد هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿئي ٿو پر اهي فرد جن ۾ محبت جا طاقتور جزا موجود آهن, اهي ٻين تي وڌيڪ اثر انداز ٿين ٿا, ۽ انهن جي روحانيت سان ٻيا وڌيڪ مستفيد ٿين ٿا, پر اهڙي مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ وارو هر فرد هڪ ٻئي کان فائدو ضرور حاصل ڪندو آهي.



موجوده دور ۾ اسان جي حالتن جي خراب ٿيڻ جو بنيادي سبب اهو آهي تہ مادي مفادن جي غلبي سبب الله لاءِ محبت ۽ الله لاءِ ملڻ جو عمل ٻُري طرح متاثر ٿيو آهي, جنهن جي نتيجي ۾ دليون سخت ٿيڻ لڳن ٿيون.

## الله جي خاطر محبت ۽ نفرت سان ايمان جو مڪمل ٿيڻ:

فرمايائون: جنهن الله جي خاطر محبت ڪئي, الله جي خاطر نفرت ڪئي, الله جي خاطر ڏنو الله جي خاطر روڪيو ان ايمان کي مڪمل ڪيو.
(سنن ابوداؤد, جلد سوئم ڪتاب السنة 4681)

ان حديث شريف مان اڳم بيان ڪيل حديث جي وڌيڪ تصديق ٿئي ٿي, هن حديث ۾ ايمان جي مڪمل ٿيڻ جي صورت اها ٻڌايل آهي تہ الله جي خاطر محبت ڪئي وڃي, الله جي خاطر بغض رکيو وڃي, الله جي خاطر عطا ڪيو وڃي ۽ الله جي خاطر روڪيو وڃي. جنهن شخص جي زندگي انهن شين جو نمونو بڻجي وڃي, اهڙي شخص کي مڪمل ايمان جي بشارت ٻڌائي وئي.

ان حديث شريف ۾ الله جي خاطر محبت سان گڏوگڏ بُرائي کان نفرت بہ شامل آهي, جيڪڏهن بُرائي کان نفرت موجود ناهي تہ الله خاطر محبت جي باوجود ان ڳالهہ جو خطرو موجود آهي تہ ڪنهن وقت اهو بُرائي جي اثرن ۾ نہ اچي وڃي, بُرائي جي نفرت کان اڳ بُرائي جي نوعيت کي سمجهڻ بہ ضروري آهي, ڇو تہ موجوده دور ۾ بُرائي ۽ فتنا خوبصورت صورت ۾ سامهون آيا آهن, سيڪولر نوعيت جي قيادت بہ بُرائي جي هڪ صورت آهي, اهڙي قيادت سان تعلق رکڻ الله جي محبت ۽ ايمان جي تڪميل جي خلاف آهي, ان طرح سوشل ميڊيا تي ماديت پرستي وارو لقاءَ ۽ بحثن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۽ ان کي معمول بڻائڻ, بہ ائين ئي آهي جيڪو بُرائي ۾ مبتلا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو ان ڪري بُرائي جي اهڙن سارين صورتن کان نفرت رکڻ تمام ضروري آهي, ايمان جي مڪمل ٿيڻ لاءِ ائين ڪرڻ ضروري آهي.

## اسلام جو اجنبي ٿي وڃڻ. اجنبين لاءِ خوشخبري:

فرمايائون: اسلام شروع ۾ اجنبي هو ۽ جلد ئي ٻيهر اجنبي ٿي ويندو، جيئن شروع ۾ هو بس اجنبي لاءِ خوشخبري آهي. (مسلم ٣٧٢)

هن حديث ۾ اسلام جي مظلوميت، ماڻهن جي اسلام کان دور ٿيڻ، ماديت پرستي ۽ نفس پرستي واري ماحول جي غلبي سبب اسلام جي اجنبي ٿيڻ جي خبر ڏني وئي آهي، يعني اها ئي حالت ٿي ويندي، جيڪا اسلام جي شروعات ۾ هئي. اسان جو موجوده دور تيزي سان ان طرف وڌي رهيو آهي، ان جو هڪ سبب اهو آهي ته باطل ۽ طاغوت جي عالمي قوتن جا اسلامي دنيا سان اهڙا مفاد وابسته آهن، جيڪي مسلمانن جي اسلام کان دستبردار ٿيڻ جي صورت ۾ مڪمل ٿي سگهن ٿا. جيسين تائين ماڻهن ۾ اسلامي نظريي سان وابستگي قائم آهي، تيسين تائين باطل ۽ عالمي طاغوت اهو سمجهن ٿا ته عالم اسلام جي معيشيت، سياست، معاشرت ۽ اجتماعي زندگي تي سندن مڪمل ڪنٽرول نٿو ٿي سگهي. ان مقصد لاءِ مسلمان ملڪن ۾ سيڪيولرزم لاءِ فضا هموار ڪرڻ لاءِ هڪ مڪمل ڄار وڇايو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن وٽ قارون کان به هزارين ڀيرا وڌيڪ خزانا آهن، تنهنڪري اسان جي معاشري جي هر طبقي جي ذهين ۽ باصلاحيت ماڻهن کي خريد ڪرڻ جو عمل جاري آهي، ايتري تائين جو ديني مدارس جا پڙهيل علماء به ان وڪڙ ۾ آهن، مقصد اهو آهي ته ماڻهن جي اسلام سان وابستگي کي ختم ڪري انهن کي سيڪيولرزم، جديديت ۽ ماديت پسندي جي رستي تي هلايو وڃي، اهو ڪم ڪجهه تعليمي ادارن ۽ اين جي اوز جي ذريعي به ٿي رهيو آهي، ۽ سوشل ميڊيا جي ذريعي به، ڇاڪاڻ ته سوشل ميڊيا سان ڪروڙين ماڻهو وابسته آهن، ان ڪري سوشل ميڊيا جي ذريعي امت جي فردن جي فڪر ۽ نظر کي تبديل ڪرڻ جو عمل تيزي سان جاري آهي، اهڙي طرح اسان جو دور الله جي رسول ﷺ جي هن پيشنگوئي طرف تيزي سان وڃي رهيو آهي ته اسلام جلد اجنبي ٿي ويندو. هن حديث شريف ۾ اهڙن



اجنبين کي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي، جيڪي فتنن جي گهٽائي جي باوجود مستقل مزاجي سان الله پرستي جي رستي تي گامزن هوندا ۽ اسلام جي ننڍي کان ننڍي ڳالھ کان به دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نه هوندا. دعا آهي ته الله تعاليٰ اسان کي اهڙن خوش نصيب اجنبين ۾ شامل فرمائي.

## مومن جو هر معاملي ۾ خير ئي خير:

فرمايائون: مومن جو معاملو به عجيب آهي، ڇو ته ان جو هر ڪم خير ئي خير آهي، هي (خوبي) ايمان وارن کان علاوه ڪنهن کي حاصل نه آهي، جيڪڏهن کيس خوشي حاصل ٿئي ته ان تي الله جو شڪر ادا ڪري ٿو هن جي هي حالت ان لاءِ خير جو سبب آهي، جيڪڏهن ان تي مصيبت اچي ته ان تي صبر ڪري ٿو هي حالت به ان لاءِ خير جو باعث آهي- (صحيح مسلم ٢٠٩٢)

خوشي ۽ تڪليف ۽ غم هر فرد سان لاڳو آهي، پر مومن جي خصوصيت هي آهي ته ان لاءِ ٻنهي حالتن ۾ خير آهي، خوشي جي موقعي تي هو شڪر ادا ڪري ٿو ۽ تڪليف ۽ مصيبت جي حالت ۾ هو صبر ڪري ٿو ان طرح هي صبر سندس درجات جي بلندي جو ذريعو بڻجي وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن تڪليف ۽ ڏک جي موقعي تي بندي تي هي احساس طاري ٿيڻ لڳي ٿو ته ڪٿي هي الله جي طرفان سزا ته نه آهي، پر ائين نه آهي، تڪليف بندي جي صبر جي مزاج کي پختو ڪرڻ ۽ الله سان گهرڻ جو ذريعو بڻجي وڃي ٿي، ان لاءِ تڪليف، مصيبت ۽ غم جي موقعي تي گهڻو پريشان ٿيڻ ۽ گهبرائڻ جي ضرورت ناهي، پر ان حالت کي الله کان گهرڻ جو ذريعو بڻائڻ گهرجي.

## قيامت ۾ جن جو برو حشر ٿيندو:

فرمايائون: الله جي نظر ۾ قيامت ڏهاڙي سڀ کان بدتر ماڻهو اهي هوندا جن جي شر کان خوفزده ٿي ماڻهن ساڻن ملڻ ڇڏيو هوندو. (بخاري ٦٠٣٢)

مزاج ۾ ٿوري گهڻي خرابين جو هجڻ تقريباً هر فرد جو معاملو آهي، پر تزڪيه جي مرحلن مان گذرڻ سان هي خرابيون دور ٿيڻ لڳن ٿيون. پر مزاج ۾ ان طرح جو فساد پيدا ٿي وڃڻ جو نتيجو اهو آهي جو ماڻهو انهن جي شر سبب ملڻ ئي ڇڏي ڏين ٿا. مزاج ۾ ان قسم جو شر مال ۽ منصب جي محبت سبب پيدا ٿيندو آهي. دولت ۽ عهدن ۾ ان قسم جو اثر آهي جو ماڻهو ٻين لاءِ تڪليف، اذيت ۽ شر جو سبب بڻجي وڃي ٿو. ڪجھ ماڻهو عهدن ۽ دولت جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مزاجي خرابين کي ڪنهن حد تائين محدود رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر اڪثر ماڻهو مال ۽ عهدن ماڻڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ شر جي جذبات سبب بي قابو ٿي ويندا آهن، ايئن هو ماڻهن لاءِ سخت اذيت ۽ تڪليف جو سبب بڻجندا آهن، ماڻهو انهن جي مزاجي شر کان بچڻ لاءِ ساڻن ملڻ ڇڏي ڏيندا آهن. حديث شريف ۾ اهڙن ماڻهن جي حشر بابت بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي قيامت جي ڏينهن بدترين شمار ٿيندا.

## چغلي هڻڻ وارن جو حشر:

فرمايائون: معراج جي رات منهنجو گذر اهڙن ماڻهن وٽان ٿيو، جن جا نحن ٽرامي جا هئا ۽ اهي پنهنجي چهري ۽ سڪني کي رهڙي رهيا هئا، مون جبرائيل عليہ السلام کان پڇيو هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟ تہ هن چيو هي اهي آهن جيڪي ماڻهن جو گوشت کائيندا هئا ۽ انهن جي عزت روليندا هئا. (سلسلہ احاديث صحيح ٢٨٢٢)

ماڻهن جي غيبت ڪرڻ جي هي عبرتناڪ سزا آهي، ٻين جي عزت پامال ڪرڻ ۾ جيئن تہ نفس کي لذت حاصل ٿيندي آهي، پر ان جي سزا اهڙي آهي جو آخرت ۾ انهن جا هوش اڏامي ويندا. ٻين جي عزت کي داغدار ڪرڻ جي بُرائي رڳو غير مذهبي ماڻهن ۾ ئي ناهي، پر مذهبي ماڻهن ۾ بہ موجود آهي. الله اسان کي هن بُرائي کان بچائي، ۽ زبان تي قابو رکڻ جو سليقو عطا فرمائي. (آمين)



## هلاڪت جو اطلاع:

فرمايائون: هلاڪت آهي ان شخص لاءِ جيڪو ان مقصد سان ڪوڙ ڳالهائي تہ جيئن ماڻهو کلن، هلاڪت آهي ان لاءِ، هلاڪت آهي ان لاءِ. (سنن ابوداؤد حديث نمبر: ٤٩٩٠)

ڪوڙ ڳالهائڻ جي بُرائي کي عام طور تي معمولي سمجهيو ويندو آهي، اڄڪلهہ سوشل ميڊيا تي ماڻهن کي کلائڻ لاءِ ۽ پنهنجي نفساني تسڪين لاءِ ۽ پيسو ڪمائڻ خاطر هٿ جون ڳالهيون گهڙي، مزاحيہ انداز ۾ پيش ڪيون وينديون آهن. حقيقت کي وڌائي گهٽائي پيش ڪيو ويندو آهي، بهتان، طنز ٽوڪ بہ ان ۾ شامل آهي. هي سڀ اڄڪلهہ فڪشن بڻجي ويو آهي. شال الله اسان کي هن بُرائي کان بچائي.

## جنهن هٿيار ڪنيا، اهو اسان مان ناهي:

فرمايائون: جنهن اسان تي هٿيار کنيا، اهو اسان مان ناهي۽ جنهن ماڻهن کي دوکو ڏنو اهو اسان مان ناهي۔ (الادب المفرد، حديث ١٢٨١)

اڄڪله مسلمانن ۾ مختلف مسئلن تي هڪ ٻئي سان محاذ آرائي جي فضا پيدا ٿي وئي آهي، هي محاذ آرائي سياسي اختلافات جي بنياد تي بہ آهي ۽ مسلڪي اختلافات جي ڪري بہ، هر گروهہ چاهي ٿو تہ ٻيو گروهہ بي وقار ٿئي ۽ معاشري ۾ ان جي حيثيت ختم ٿي وڃي. هي حديث ان مزاج وارن لاءِ بہ وارننگ جي حيثيت رکي ٿي. اختلاف کي اختلاف جي دائري ۾ رکڻ گهرجي، هڪ ٻئي کي متائڻ جي خواهش المناڪ ڳالهہ آهي، ۽ ايمان جي بہ خلاف آهي۔

## ماڻهو جي ڪوڙي هجڻ جي علامت بنا تصديق جي ڳالهہ ڦهلائڻ:

فرمايائون: ماڻهو جو ڪوڙو هجڻ لاءِ صرف هيءُ ڳالهہ ڪافي آهي تہ هو هر ٻڌل سڌل ڳالهہ اڳتي بيان ڪري ڇڏي. (مشڪوة شريف حديث نمبر: 156)

هي اسان جي عام روش آهي تہ ٻڌل سڌل ڳالهہ کي تحقيق کان بغير بين تائين پهچائيندا آهيون، ان سان لاڳاپيل ماڻهن جي تحقير ٿيندي آهي، انهن جو اعتماد مجروح ٿئي ٿو ۽ معاشري ۾ ويڇا پيدا ٿيندا آهن. تحقيق کان بغير ڳالهين کي پکيڙڻ بُرو عمل آهي، جنهن کان بچڻ گهرجي، اها اخلاقيات جي پڻ تقاضا آهي.

## آلِ محمد جي لاءِ مختصر روزيءَ جي دعا:

حضرت ابو هريره کان روايت آهي تہ رسول ﷺ دعا گهري، يا الله آل محمد کي صرف ايتري روزي ڏي تہ اهي زنده رهي سگهن. (صحيح مسلم ۷۴۴۱)

الله جي رسول ﷺ جي پنهنجي آل جي لاءِ مختصر روزي جي دعا اسان کي اهو سيکاري ٿي تہ اسان دنيا جي گهٽ ۾ گهٽ حصي تي راضي هجون، ۽ ايتري روزي چاهيون، جنهن سان زنده رهي سگهون. الله جي رسول جي زندگي اسان لاءِ هر لحاظ کان نمونو آهي، پاڻ ﷺ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي اولاد لاءِ جڏهن دنيا کي پسند نہ ڪيو تہ اسان کي دنيا لاءِ حرص ڪرڻ، دنيا ۾ پنهنجي توانائيون خرچ ڪرڻ نٿو جڳائي. دنيا ان قابل ئي ناهي جو ضرورت کان وڌيڪ ان ۾ وقت لڳايو وڃي. دنيا جي زيب وزينت جو سامان اهڙو آهي جو ان کان دستبردار ٿيڻ مشڪل آهي، پر الله جي رسول ﷺ سان محبت جي تقاضا اها آهي تہ ائين ڪيو وڃي.